# بهشت جو چنڊ

## ”ڪهاڻيون“

## نور الحق نور

وڌيڪ ڪتابن جي لاءِ ڏسندا رهو
www.abbaskorejo.com
اوهان جي پنهنجي ويب

# فهرست

پنهنجي پاران
دعا
ڪجي، ڏوڏاءِ ڪتل
روشني ۾ اونداهه
نئون صبح
وقت جو ڦيرو
ٽيڪ بنا
ڏاج
پل چڪ
هتي پيشاب ڪرڻ منع آهي
شڪار

# پنھنجي پارن

5 جون 1985ع تي اداس شام جو حاجي الھورايو ڪوسي جي گھر ۾ ’اوئان اوئان‘ جي آواز سان هن بي رحم دنيا ۾ پنھنجي اچڻ جو سوز آلاپيندي جنم ورتم. چٽيءَ جو نانءُ ’عبدالواحد‘ رکيو ويو. اداس شام جو جنم وٺڻ ڪري سانير ڪان وٺي الاءِ ڇو شام ڪان پيئو ٿيندو رهيو آهي. دل چوندي آهي ته شام ٿئي ئي نه.... منجھند ڪان پوءِ رات ٿي وڃي. ائين وري سياري جي ڊگھين راتين ڪان به خوف ٿيندو آهي. ڪمري ۾ سوڙ وجھي سمھڻ وقت پائيندو آهيان ڇڻ سفيد ڪفن ۾ ويڙهيل، ڪنھن قبر ۾ ستل هان.
2002ع ۾ ’سنڌ رنگ‘ جي ليکڪن جي ڪھاڻين ڪان متاثر ٿي، پھرين ڪھاڻي ’اُها رات‘ لکيم. جيڪا جولاءِ 2002ع جي سنڌ رنگ ۾ ڇپي.
هر ڪم ڪار ۾ ڍاڍو سست آهيان. (ڪاٺڻ ۽ رلڻ ڪان سواءِ) سستائپ ڪري تعليم کي ڏکي B.A تائين مس آندو اٿم. ائين ’نذير‘ جي هوٽل تي ڪا فلم ڏسندي يا قنبر جي گھٽين ۾ رلندي ڪھاڻي ملي ويندي آهي، جيڪا گھر اچي پنن تي اتاري وٺندو آهيان.

نور الحق نور
قنبر
MOB:0334 2061090

## دعا

”اي پالڻھار! تون هر شئي تي قادر آهين. سڀ ڪجھه تنھنجي هٿ ۾ آهي. تنھنجي بنا وڻ جو پن به چري نه ٿو سگھي، تون ئي دعائن کي اگھائڻ وارو آهين، مون گنھگار جي دعا اگھاءِ، امان کي شفا ڪامل نصيب فرماءِ. ڊاڪٽرن حڪيمن جو ڪم آهي دوا ڏيڻ شفا صرف تنھنجي ئي هٿ ۾ آهي، بس رحم ڪر، ۽ امان کي نئون بنو ڪر. آمين ”مسلسل ٽن سالن ڪان وٺي اڌ رات جو اُٿي، وضو ڪري نفل پڙهي،مصلي تي ويھي دل جي گھراين سان اهڙي قسم جون دعائون گھرندو ٿو اچي. دعا ختم ڪري، اتي مصلو پٽ ۾ لڱل ڪلي ۾ ٽنگي ماءُ متان اچي ويھندو آهي. ماءُ جيڪا ٽن سالن ڪان سئين سڌي کٽ تي پئي اٿس. نه اتي ويھي سگھي ٿي، نه ئي پاسو بدلائي سگھي ٿي، جسم سان گڏ زبان به سڪي وئي اٿس، بس اکيون ڇنيون پٽ ۽ ننھن جي پڇڻ تي ڪنڌ سان ها، نه ۾ جواب ڏيندي اٿن. شروع شروع ۾ ڊسمبر جي هڪ رات ساجھر اٿڻ ڪري سيءُ ستي وڌو هيس. ته بخار نڪري پيو هيس. هو ماءُ کي وٺي پاڙي جي ڊڪٽر وٽ ويو، ڊاڪٽر دوائون ڏنيون، گھر اچي ماءُ کي ڪارايون هئائين. پر ٻئي ڏينھن به بخار نه ڇڏيس، هو وري به انھيءَ ڊاڪٽر ڏي ماءُ کي وٺي ويو. ڊاڪٽر ٻيون دوائون لکي ڏنيون، انھن دوائن سان بخار ته ڇڏي ويس، پر لڱن مان ست ڇڏڻجي ويو هيس. اتي گھمندي هئي ته متي کي ڦيري اچي ويندي هيس ته ڪري پوندي هئي، ننھٽس جلدي سھرو ڏئي کٽ تي سمھاري ڇڏيندي هيس. انھيءَ هيٽائي ۽ متي جي ڦيرين کي هن بخار ڇڏڻ ڪانپوءِ واري هيٽائي سمجھي دوائن کي ڇڏي ڪاڌ خوراڪ تي ڌيان ڏنو، پر ڏينھون ڏينھن هن جي ماءُ جي لڱن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. هڪ ڏينھن متي ۾ ڦير اچڻ ڪري ڪري ته وري نه جنگھن تي اتي سگھي. هن پاڙي جو ڊاڪر به ڪافي ڦيرا آندو، ڊاڪٽر هيٽائي ڪمزوري ڄاڻائي دوائون لکي ڏيئي هليو ويندو هو. ڪجھه ڏينھن ڪان پوءِ هن جي ماءُ اتي

ويهڻ بہ ڇڏي ڏنو. (جا اڳ پاڻ اٿي ويهي سگهندي هئي) ان سان گڏ زبان کي بہ تالو لڳي ويو هيس. هن پنهنجي ماءُ جو علاج پوءِ مختلف ڊاڪٽرن کان ڪرايو. ڪو ڪيئن چوي تہ ڪو ڪيئن، ڊاڪٽرن ڪانسواءِ حڪيمن ڪانسواءِ ملن مورٽن کي بہ ڪين ڇڏيائين. ڪو چوي، پريءَ جو پاڇو اٿس ڪو چوي ڏيڏ جن جو چڪر اٿس، پر فائدو ڪٿان بہ ڪين پيو. فائدو نہ پوڻ ڪري، بس ڪري بہ نہ وينو. پئسا پاڻي جيان وهايائين. رڪيل پئسا کپي ويس، زال جا ڳهہ ڳنا ڇٽ ٿي ويس، قرض ڪنيائين وري قرض لاهڻ لاءِ مجبور ٿي پنهنجو گهر ڪپايائين، فائدو هن جي ماءُ کي نہ ٿيو. ڪافي ڀيرا هن جي زال بہ چئي ڏنوهو، ”هرويرپاڻ تباهہ نہ ڪر، فائدو نہ ٿو پوي تہ بس ڪري ويهہ.“

زال کي هر ڀيري ڇڙٻ ڏيئي چوندو هو، ”تون بس ڪر، دوائن جي ڪري امان کي نہ ڇڏيندس. ڪٿان نہ ڪٿان فائدو ضرور پوندو.“ڪيئن بس ڪري ويهي ها. سندس ماءُ ڪل ڪائنات هيس ڇو تہ منز لتي ڪيس ماءُ رسايو هو. ننڍ پڻ ۾ ئي هن جو پيءُ هميشہ لاءِ موڪلائي ويو هو ابدي جهان ڏي. ماڻس پيءُ جي ڪمي محسوس ڪرڻ بہ نہ ڏنس. ٽوپا ڪري، پاڙي جي گهرن جو ڪم ڪار ڪري، هر ڏک تڪليف سهي. پالي پڙهائي وڏو ڪري، پرائمريءَ جو استاد بڻايس، پوءِ ڪيئن پنهنجي پياري ماءُ کان خفا ٿئي ها.ڪافي ڀيرا هن جي زال اهو بہ چئي ڏنو هو، ”پوڙهيءَ کي نہ ئي فائدو ٿو پوي، نہ ئي وري مري ٿي“ زال جي اهڙي جملي چوڻ سان هر ڀير هن ڪيس مار بہ ڏني هئي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ئي ذهن ۾ اهڙا خيال پيدا ٿيندا هيس.

”واقعي امان جي عمر وڏي وئي آهي، فائدو نہ ٿو پويس تہ گهٽ ۾ گهٽ..... “ پر وري اهڙن خيالن کي ٽارڻ لاءِ گهر ۾ سنهو ٿلهو ڪم ڪرڻ لڳندو هو.

اڄ رات بہ وضو ڪري بہ رڪعتون نفل پڙهي، مصلي تي ويهي، دل جي گهرائين سان دعا گهرڻ لڳو.

”اي شافي تون چوين ٿو تہ، مان ڪنهن جي بہ دعا رائگان نہ ڪندو آهيان. پوءِ مان ٽن سالن کان دعا گهرندو ٿو اچان. منهنجون دعائون چونہ ٿو اگهائين. تون اهو بہ چوندو آهين تہ جيڪو سچي دل سان جيڪا شيءِ گهرندو، مان ان کي ڏيندس. مان بہ تہ سچي دل سان امان جي صحت لاءِ ٽن سالن کان دعائون گهرندو ٿو اچان.“ اکين مان لڙڪ ٽمڻ لڳس ۽ وڏيڪ جذباتي ٿي ويو.”فائدو تہ نہ پويس تہ گهٽ ۾ گهٽ پاڻ ڏي تہ...... “ دعا تہ گهري ويو پر پوءِ پڇتائڻ لڳو تہ اهڙي دعا نہ گهرڻ ڪپي ها. مصلو ٽنگي اچي ماءُ جي مٿان بيٺو. ماءُ کي ساڳي حالت ۾ ڏسي، وري هنڌ تي اچي سمهي پيو، پنهنجي اهڙي دعا گهرڻ تي پڇتائيندي ننڊ اچي ويس.

اوچتو زمين ڏڏڻ لڳي ٿي، جايون ڪرڻ لڳن ٿيون، هن جو بہ گهر ڪرڻ لڳي ٿو. هو پنهنجي زال کي وٺي ڪمري مان نڪري آڳر تي اچي بيهي ٿو.

ڦان ڪري هن جا ٻئي ڪمرا پٽ پون ٿا، تہ هن کي خيال اچي ٿو تہ، سندس ماءُ ٻئي ڪمري ۾ هئي.

”امان.... “ رڙ ڪري اٿي ويهي ٿو، پيشانيءَ تي آيل پگهر جي آلاڻ کي هٿ سان اگهي ٿو. ڀوائتو خواب ڏسڻ ڪري هن جي دل تيز تيز ڌڙڪي ٿي. ماءُ جو خيال ايندي ئي، هنڌ تان اٿي، پنهنجي ماءُ جي کٽ مٿان اچي بيهي ماءُ کي ڏسي ٿو، ماءُ کي غور سان ڏسڻ کان پوءِ سجو بت لرزي ويس، امانت الاءِ ڪڏهن مالڪ وٽ پهچي وئي هئي، عجيب حالت ۾ ماءُ کي بيٺو ڏسندو رهيو. نہ اکين مان لڙڪ ٽميس، نہ ئي امان، امان ڪري رڙيون ڪرڻ لڳو. بنا اکين چنڊ جي ڪافي

وقت ماءُ کي ڏسندو رهيو، اوچتو اڪيون پوتي تڏو ساهه کڻي، چپن ۾ پڻ پڻ ڪري ٿو. جنهن جو مفهوم سندس شعور کان به نقاب هٽي گذري وڃي ٿو.

## ڪبجي ڏوڏا ۽ ڪتل

هو چاهي پيو ته گهر ۾ ڪجيءَ جي چڪي هٽون پر سندس گهر واريءَ جي خواهش هئي ته ٽالي جو بوٽ هٽون، عرصي کان ٻنهي ۾ بحث هلندو ٿي رهيو. بحث ڪري چپ ڪري ويهندا هئا، ڪنهن به ڳالهه تي صلح ڪري عمل نه ڪندا هئا. هڪ ڀيري سندس گهر واري چيو هو " ٽالي جو وڻ گهر جي سونهن آهي، پوڙهاپ ۾سندس گهاٽي ۽ ٿڌي ڇانوَ ۾ ڇپاڙڪا ڏينهن سکون سان گذاريندا سيين، منهنجو چوڻ وٽ ۽ گهر ۾ ٽالي جو بوٽو هڻ."

"تون ڇري آهين، نه سمجهندينءَ، ڪجر تمام ڪارئتو وڻ آهي، جنهن گهر ۾ ڪجي آهي، سمجهه اهو برڪت ۽ سکون وارو آهي...."

"ڏوڙ اتس منهن ۾، ڦر جهلڻ کان ويندي ڪتل پڇڻ تائين پيا پٿر ۽ لاپڙ لڳنس تا."

"ڪير پٿر يا لاپڙ هڻندو، ڪنهن جي مجال آهي؟!"

"هئه هئه......!!! گهر به وڏي گهٽيءَ مان اٿئي ڪنهن ڪنهن کي پيو جهليندين؟!"

"جيڪو اک کڻي منهنجي ڪجيءَ ڏي ڏسندو، ڏوڏن يا ڪتل کي لاپڙ هڻندو، مان ان جون اکيون ڪيرائي ڇڏيندس ۽ ٻانهون ڪپرائي ڇڏيندس." اهو جواب ٻڌي سندس گهر واري خاموش ٿي وئي هئي.

هڪ ڏينهن هن مڙساٽو ڏاڍ ڏيکاريندي ڪجيءَ جي چڪي آٽي پوکي، پوکڻ سان ئي هن شيون ٻارن ۾ ورهايون، ڊينگلا ٻارن ۾ ڇٽيا....خوشيون ڪيون پر سندس گهر واري پاروتي واڳڻ جهڙو بوٽ ڪري ويهي رهي هئي ۽ ڪجيءَ کي پاڻي پيارڻ وغيره کان هٿ ڪڍي وئي هئي.

"توکي ئي شوق هو ڪجيءَ جو....پاڻ ئي مالڪي ڪرينس، مان کان ڳالهه چڙهيل آهي!!"

"چوڙي......صفا بيزار ٿي ٿين، ڪجهه ته سمجهه ڪر، مون تي به حق آهي پر پاڻي پيارڻ تنهنجو به ڪم آهي."

"منهنجو ڇا وڃي....؟پاڻهي منهن ڏيس....."

"اڙي صفا نانگي ٿي نه ٻيهه، مان مڙس ماڻهو آهيان، ٻاهر ڪم ڪار جي کان يا ڪجيءَ کي پاڻي پيو پياريان. گهر ۾ واندي ويني آهين، پاڻي به نه پيئاريندينءَ ڇا؟" باقي سار سنڀال مان ئي ڪندومانس." گهر واري هن کي توائي ڏسي خاموش ٿي وئي هئي.

وقت کي ڪير ٿو روڪي سگهي، ائن وقت گذرندو ويو. هو ٻاهرين ڪم ڪارڪان واپس اچي مال جو پاڻ کڻي سندس پاڙ جي مٽيءَ کي رنبيءَ سان اڳوٽي ان ۾ پاڻي ملاءِ هٿن سان پاڻ جا وڏا ڳوڙها پوري زمين هڪ ڪري ڇڏيندو هو. سندس گهر واري صرف پاڻي ڏيندي هئي. باقي مڪمل سنڀال هو پنهنجي هٿن سان ئي ڪندو هو.

ائين مالڪي هڻڻ ڪري وئي ڏينهون ڏينهن وڌندي. تان اچي ٻهرين سال ڦر جهليائين، ٻهريان ننڍڙا ساوا ڏوڏا ظاهر ٿيا، ويتر مالڪي هڻڻ ڪري ڏينهون ڏينهن ڏوڏن کي وڌائڻ لڳي. تان اچي ڏوڏن ڦڪو ڪلر اختيار ڪيو، ان دوءران ڪافي گهٽيءَ مان پٿر ۽ لاپڙ اچي ڪجيءَ کي لڳڻ

لڳا هئا، پٽرن ۾ لاپٽن لڳڻ ڪري ڪي ڏوڏا هيٺ ڪري ناليءَ جي پاٽيءَ ۾ پئجي حرام ٿي ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن پٽر ۾ لاپڙ هنن ڪي به لڳندا هئا. سندس گهر واري ته پاڙو مٿي تي کڻندي هئي. پر هو چپ ئي رهندو هو.

”هڪ ڏينهن سندس گهر واري کٽ تي ويٺي چانور سوئي رهي هئي، ته هڪ پٽر اچي نرڙ تي لڳو هيس، ڏک واري جاءِ تي ٻئي تريون رکي ابولي ابولي ڪرڻ لڳي، هو ڪمري مان ڊڪندو ٻاهر آيو هو.

”اڙي ڇا ٿيو......؟!“

”اجان پڇين ٿو ڇا ٿيو!؟“

”نيٺ ٻڌاءِ به ته سهي!!“

”هي ڏس پٽر.....“ سندس گهر واريءَ پرسان پيل پٽري ڏيکاريندي چيو هو.

”هي اچي نرڙ تي لڳو آهي، جي اک ۾ لڳي ها ته اک هلي وڃي ها.“

”اُف پوءِ ايتريون رڙيون......!“

”نه ته ڇا؟ ڇيڙي ڪري ويهان ها.... اهو فائدو اٿئي ڪجي پوکڻ جو...“

”کهڙي اربا خطا ٿي آهي، ڪجي به ته وڻ آهي!“

”واهه جي وڻ آهي، جو سدائين هر ڪنهن جي اک، پٽر ۽ لاپڙ....“

”او هو....هئه....بس به ڪندينءَ يا نه......!“

”ها ها! مان بس ٿي ڪيان، پٽر جند ڪي لڳيءَ ها ته خبر پوي ها،اجان به وقت اٿئي....پاڙان وڍرائي ڇڏينس.“

”چپ ڪر....وڏيڪ لباڙ نه هڻ.....“ اهو چئي هو تڪڙو تڪڙو گهران نڪري ويو هو.

ائين گهٽيءَ مان يا پاڙي جي گهرن مان پيا پٽر ۽ لاپڙ لڳندا هئا.

هڪ ڀيري لاپڙ اچي هن کي به لڳو....جڏهن هو صبح جي پهر ۾ کٽ تي ويهي چانهه پي رهيو هو، لاپڙ لڳڻ ڪري هٿ ۾ جهليل ڪوپ هارجي پيو، سندس ڪپڙا خراب ٿي پيا هئا. تڪڙ ۾ اتي گهٽيءَ ۾ بينل لاپڙ هٽندڙ ڇوڪري کي اهڙيون ته ست سريون ٻڌايائين جو چپل هٿ ۾ ڪري وني ڀڳو هو. وري ٻڻ ٻڻ ڪندو گهر آيو، سندس گهر واري ٽوڪيندي چيو هو ”پاڻ کي لاپڙ لڳئي ته ڪيئن توائيءَ ۾ اچي ڇوڪري ڏي هليو وئين.“

”ان جي ته ڪري......ٻيهر ڳنيءَ ۾ ڏنومانس ته افت ماري وجهندومانس.“

”اڙي ٻڌ....هڪ ته ڪجي وڍائي ڇڏ يا ڪٽي برداشت جو مادو ڏار نه ته ڪيترن کي پيو..... گند به هر ڪو تو کي چوندو....“

”ڇا به ڪٽي چون، مان ڪجي ڪڏهن به نه ڪپرائيندس. ڀل پوڙهي ٿي وڃي يا سڪي وڃي، باقي ٻيهر لاپڙ هٽندڙ کي اهڙي سيکت ڏيندس جو ياد ڪندا.“

”ائين ڏينهن ويا گذرندا، ڏوڏن پڇي ڪتل جي شڪل اختيار ڪئي، ڪتل ٿيڻ سان اجان به وڏيڪ پٽر، ۽ لاپڙ لڳڻ لڳا هئا، هو به لاپڙ ۽ پٽر هٽندڙن کي ست سريون ٻڌا.يندو هوءِ ڪين دل کولي گاري ڏيندو هو.

هڪ ڏينهن لاپڙ هنندڙ ڇوڪري کي ڊوڙائيندو وڃي گهر ۾ ڇڏي آيو، ڇوڪري کي گهر ۾ داخل ٿيندي ڏسي در ڪڙڪايو هئائين. ڇوڪري جو پيءُ نڪري آيو.

”هي ڪهڙي شرفت آهي!“ هڪ پاڙي جا آهيون، تنهنجو چوڪري منهنجي ڪجيءَ کي پٿر لاپڙ تو هڻي.“

”ٻار آهن....انهن جو ڪم آهي ته پٿر ۽ لاپڙ هڻڻ.“

”مان توکي عزت سان چوان ٿو....نه ته پوءِ....“

”نه ته پوءِ ڇا ڪندين؟!“ هو به توائي ۾ اچي چڪو هو، ”هڪ ته گهر ۾ ڪجي پوڪرايئي، ٻيو ڪجيءَ جو چلين کي ڪپڙو به نه ٿو ويڙهين، پوءِ ٻار لاپڙ نه هڻندا ٻيو ڇا ڪندا؟!“ هو چوڪري جي اکين ۾ پرندڙ ٽاندا ڏسي بس ڪري هليو آيو هو، ائين پڪل ڪتل کي لاپڙ ۽ پٿر لڳندا رهيا،ڪجي چپ چاپ سڀ ڪجهه سهندي رهي، مجبوريءَ ڪان يا راضپي ڪان...اهو سڀ ڪجهه پاڻ ئي ڄاڻي پئي.

”هڪ ڏينهن هو نهي سنبري اچي ڪٽ تي وينو هو، سندس گهر واري پڇيو هو، ”اڄ سنبريو آهين، ڪاڏي ٿو وڃين؟!“

”ها پاڙي ۾ فيصلو آهي، اوڏانهن ٿو وڃان!“

”اڙي ٻڌ.....!!“

”ها چئو....“

”هاڻي ڪتل پچي وئي آهي، چلين کي ڪپڙو ويڙهه ته سنو ٿيندو، نه لاپڙ ۽ پٿر لڳندا نه ئي وري ڪتل زيان ٿيندي،

”جو ڪپڙو ويڙهاينس، گهر منهنجي ۾ آهي، ڏوڏا جهلي يا ڪتل ڪري، اڄ ڪانپوءِ جيڪو به ميري اک سان ڏسندو ، پٿر هڻندو يا لاپڙ هڻندو، ان سان به پاڻي ضرور ڪندس.“

هو توائي ۾ اچي چڪو هو، سندس گهر واري خاموش ٿي وئي، اوچتو ٻاهران لاپڙ ڪجيءَ کي لڳڻ بدران اچي هن کي مٿي ۾ لڳو ۽ سندس پٽڪو اچي سندس پيرن ۾ پيو.

## روشنيءَ ۾ اونداهه

ڪاملِ نن جي حالت ڏسي ۽ سندس داڻهون ٻڌي ڪونيءَ مان نڪري مال جي منهه ڏانهه هلي آئي.

”پٽ! جوٽين جا سور وڌيا آهن، هاڻي جلدي وڃي ادي گلان کي وٺي آءُ“. رکيل تڪڙ مان ڪٽ تان اٿي ڪٽ هينان پيل کهاڙي کڻي چپل پاتي.

”امان! وري چڱي طرح وڃي اچينس، متان اجان ويم جا سور نه هجنس. توري تڪليف آئي اٿس، جنهن کي هوءَ ويم جا سور ٿي سمجهي، چوٽين ڏينهن به ائين ئي چيو هئائين....“ماسي گلان اچي هٿ ٻٽ هڻي چيو هو ”اجان ٻار مٿي چڙهيل آهي، هي ويم جا سور نه اٿس.“

”ابا!هن چڪر ويم جا سور اٿس.“

”امان! ها وڃان ٿو....“ رکيل گهر جو لوڙهو اورانگي ماسي گلان جي لوڙه پرسان ٻيهي سڏ ڪيو، هن جي سڏ تي گلان نڪري آئي.

”ابا رکيل! خير ته آهي....“

”ماسي خير آهي، منهنجي گهر واريءَ کي ويم جا سور آهن، سو مون سان هل.“ۮ

”ابا اهو ته ٺيڪ آهي پر مان نه هلندس، ادا جي ڳوٺان نياپو آيو آهي، منهنجي ڀائٽي کي ويم جي تڪليف آهي، اتان جي دائي مئي اٽڃاڻ آهي، هيڪر هٿ ڳنڍيائين ته ٻار ڦاسي پيو، دائي سياڻپ جو جواب ڏئي هٿ ڪڍي ويئي، منهنجي ڀائٽي موت جي منهن ۾ آهي، مان اوڏانهن ويندس، تون هينئن ڪر ادي حوران کي وٺي وڃ.“

”ماسي ڪٿي رون ۾ ڪاٺي ماسي حوران، هن کي ايڏي ڄاڻ نه آهي، ائين نه ڪر ماسي مونسان هل، منهنجي گهر واري کي سولي سٺائي ڪرايون، پوءِ هلي وڃجانءِ.“رکيل ضد ۾ ايلاز ګاڏڙ انداز ۾ چيو.

”اڙي ابا واهه جو سياڻو آهين، هوڏي ڳالهه چڙهي پئي آهي ۽ تو چوين ٿو ته مونسان هل، نه ابا ٻه مان ڪا نه هلنديس، باقي هوڏي سولي سٺائي ڪري جلدي موٽڻ واري ڪنديس، جي تنهنجي گهر واريءَ کي تڪليف گهٽ آهي ته....“

”ماسي! الاءِ باقي امان چوي پئي ته ادي گلان کي جلدي وٺي اچجانءِ.“

”ابا! مان ٻه مجبور آهيان، نه ته هلانءِ ها.“

اهو چئي گلان گهر ۾ هلي وئي. رکيل ڍرن وکن سان گهر آيو. گهر ۾ ٽپندي ئي ماڻهنس جيڪا هن جي انتظار ۾ ويٺي هئي، پڇا ڪئي ”ابا رکيل ادي گلان نه آئي ڇا.؟

”امان نه ماسي گلان چيو ته منهنجي ڀائٽي کي تڪليف آهي، سو مان پنهنجي ڀاءُ جي ڳوٺ ٿي وڃان، جي ڍر آهي ته مان جلدي موٽڻ جي ڪندس نه ته ادي حوران کي وٺي وڃ.“

”ابا! تنهنجي گهر واريءَ جا سور اڃان سرس ٿيا آهن، گلان جو ڪيترو انتظار پيا ڪنداسين.“

”امان! پوءِ ماسي حوران کي وٺي اچان.“

”ڏوڙ آ حوران جي منهن ۾ هڪ ٻن ٻڪرين کي ڇا ويم ڪرايائين سڌائڻ لڳي آ ڀاڻ کي دائي. ان کي دئيي جي ڄاڻ نه آهي ادي گلان ڪبردار(خبردار) هئي، هن جي ڀائٽي کي ٻه هن ٽائيم سور پيا آهن، ٻيهه ته ابا ، مان وڃي ادي سهڻي کان صلاح پڇي اچان.“ ڪاملِ تڪڙين وکن سان سهڻي جي گهر آئي، جا پنهنجي ننهن سان تڏي تي رلي وڇايو سڳا هٽي رهي هئي.

”ادي ڪامل خير ته آهيجو تڪڙي تڪڙي ٿي اچين.“ سهڻي اٿي ٻيهي ڪامل کان پڇا ڪئي.

”ادي خير وري ڪاڏهون، مون واري ننهن کي سور ٿيا آهن، رکيل ادي گلان کي وٺڻ ويو هو، پر اها ٻه پنهنجي ڀائٽي کي ويم ڪرائڻ پنهنجي ڀاءُ جي ڳوٺ وئي، هاڻ هاڻي ڳوٺ ۾ حوري ڪانسواءِ ٻئي ڪابه دائي ڳوٺ ۾ ڪانهي، پر حوري دائيپي مان نپ نه ڄاڻي، پرُ سال ٻه ادي رحيما جي ننهن کي ويم ڪرايو هئائين، ٻار ته ڄٽائي وئي هئي، پر ٻار جو اور نه ڪڍي سگهي هئي، ڇڪري جو پيٽ سڄي دهل ٿي ويو هو، پوءِ ٽئين ڏينهن مالڪن شهر ڪٺي وڃي مندم کان صفائي ڪرائي هئي. تڏهن مس وڃي ڇوڪري بچي، هاڻي هاڻي مان اچي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاٿي آهيان، هيڏانهن ننهن جي رڙ مٿان رڙته....“

”ادي تو واري ننهن پهريات آهي، اسان کان وڌيڪ انڌي منڊي ڄاڻ ٻه حوران کي آهي، رکيل کي موڪل ته حوران کي وٺي اچي.“

”هائو ادي! تنهنجي اها صلاح آهي،

”ادي نه ته ٻيو ڇا ڪريون!؟“

”نيڪ آهي ادي وڃي رڪيل موڪليان ٿي.“ ڪامل پنهنجي گهر طرف ٻه ٽي وکون کنيون ته سهڻي هڪل ڪيس .

”ادي بيهه ته مان به ٿي هلان.“ سهڻي گڏجي ڪامل سان سندس گهر آئي، سهڻي ڪوٺيءَ ۾ وئي ۽ ڪامل منهن ۾ اچي رڪيل کي چوڻ لڳي ”ابا يلا جلديءَ ۾ وڃي ادي حوران کي ونني آ...“

رڪيل لوڙهو اورانگي حوران جي گهر طرف هليو ويو، ڪامل وري ڪوٺي ۾ آئي.

”ادي ڪامل تون ائين ئي ويٺي هئين. ڪو هنڌ ٻنڌ به نه اڇايئي.!“

”وڇايان ٿي.“ چئي ڪامل منجي تان رلي لاهي پٽ تي وڇائي. مٿان وري پاڻ جي ٻاچڪڳي مان نڪتل ڪلي وڇائي ڇڏي.

”اڙي ادي هڪڙي رلي ٿي وڇائين“ وچاريءَ جا پاسا ونجي پوندا، ٻه ٽي رليون وڇائينس.“ سهڻي چيو.

”ادي وڇائڻ ڪاڻ ته وڇايان پر گند ۾ ڪن ٿي ويندي.“

”اڙي ماڻهو ڪان مٿي رليون آهن ڇا؟ تون وڇاءِسس جي ڪنيون ٿيون ته مان پاڻهي ڌوئي ڏيندي سانءِ.“ ڪامل سهڻي جي چوڻ تي وري ٽي رليون وڇائي مٿان ڪلي وڇائي، سيرانديءَ ڪان وهاڻو رکيو.

”ڏيءَ ٽڪجي پئي آهين ته اچي هنڌ تي هلي آ پئو.“ سهڻي زهران کي چيو، جيڪا اڳهڻ لاڪون ڪوٺيءَ ۾ پئي سس جي چوڻ مطابق گهمي رهي هئي. گڏوگڏ آهستگيءَ سان دانهون به ڪري رهي هئي.

”نه نه ادي، سمهڻ يا ويهڻ ڪان گهمڻ ۾ فائدو اٿس، پلي پئي پير هٽي.“ اوماسي! ٽنگن جو ساهه ڇڏائجي ويو آهي، چيلهه سور ڪان نڪاءَ تي ڇڏي، نرا سور ڪان وڄن ٿا پيا، او ماسي مان مري ويندس .“ زهران دانهن ڪئي.

”ڏيءَ دل نه لاهه....سڀ خير ٿي ويندو. ڏٺي ڪندو پورو البيلو پٽ ڄمندئي.“ سهڻيءَ آٿت ڏنس.

”ماسي پٽ ڄمي يا ڌيءُ پر خيرن سان ٿئي.“ زهران جي ڏيءَ چوڻ تي ڪامل کي ڪاوڙ لڳي.

”اڙي ڏيءَ جو نالو ته نه وٺ، ڌيئرون ته ڇل دشمن جي گهر ۾ به نه ڄمن، رڪيل کي ته پهريٺي پٽ ٿيندو.“

”ادي ڪامل ڇوين جائي ٿي، ڌيئرون رڳي آزار ٿي منهنجي ڏيءَ ٻه جيئري باهه ۾ سڙي ٿي، سڄو ڏينهن جهر جهنگ پئي ڌڪا کائي، وري اچي گهر جو ڪم ڪري، ته به مٿس سٽس جي گلا ته فلاڻي ڪجهه به نه ٿي ڪري، اچي هن مان ڦاٿا آهيون. گهر تي به ظالم نه ٿا ڇڏنس.“ سهڻيءَ ٻه ڪامل طرفان لپو هنيون.

”خوش آهين...ادي ڪامل.“ ڀاڳل ڪوٺيءَ ۾ داخل ٿي چيو.

”ڀلي آيئڻءَ.....ادي ڀاڳل.“ڪامل اٿي هٿ ڏنس. سهڻيءَ ٻه ساڻس هٿ ملايو.

”ادي سهڻيءَ جي گهر ويس ته ننهٽس ٻڌايو ته ”ڪامل جي ننهن کي سور آهن ۽ چاچي ٻه اوڏانهن وئي آهي.پوءِ مان هيڏانهن هلي آيس، يلا ادي، ادي گلان ڏي ڪنهن کي موڪليو اٿئي.“

”رڪيل ويو هيس پر هوءَ پنهنجي ڀاءُ جي ڳوٺ وئي، هاٽي وري رڪيل حوران کي ونڻ ويو آهي.“

”پر حوران ته ايتري دئپي مان نه ٿي جاٽي.“

”ادي ياڳل! مڙئي مجبوري آهي، ڇا ڪيان؟!“

”ڏيءُ زهران ڪيئن آهين؟“ ياڳل چيس.

”اوماسي جيئري مري ويس، چيلهه ۾ باهه ٿي ٻري، نرا ڪاتن سان وڍجن ٿا پيا.“ زهران ٻيهي ڊاڪن تي هٿ رکي چيو.

”ها ڌيءُ ڏکيو مرحلو ته آهي، ٿڪجي پئي آهين ته اچي هنڌ تي ليٽي پئه.“ ياڳل چيس ته زهران اچي هنڌ تي ليٽي پئي.

”ادي ويچاريون ويم جي محل تائين پيون ڪم ڪنديون آهن، وري کهڙي ڪاڌ خوراڪ اٿن، ان چانورن جي ماني ۽ٻتالون، ساڳ جي ٻوڙ تي ڪيئن ويم جي تڪليف سهنديون، ڪيئن طاقت سان زور ٻور ڏينديون. انهن جي خوراڪ ڪجي، ڪير، مکڻ نيزا پستا ڪارائجن ته ويچارين جي بت ۾ طاقت پوي.“ ياڳل بس ڪئي ته وري ڪامل تقرير ۾ شروع ٿي.

”ادي تون به واهه جون ڳالهيون ٿي ڪرين، اسان به جڻ اهي نيزا پستا ڪاڌا هئا، اجان اڄوڪين کي ماني ٻوڙ ڏوَ تي آهي، اسان کي رکي ماني به ڏئو تي ڪانه ملندي هئي، منهنجو پٽ رکيل آهي نه.....ان کي مان لڏ ۾ ڄڻيو هو.

”ادي ڪامل تون ڪمال ٿي ڪري، ان دور ۽ هن دور کي برابر ٿي سمجهين، اهو ٻيو دور هو تون جيان مان به رستي ويندي به جاڙا ٻارا ڄڻيا هئا. هاڻي ٽيم ئي ٻيو آهي، هاڻي دعا ڪر ته سولي سڻائي ٿئي.“

”اديون خير هجيو....“ دائي حوران ڪونيءَ ۾ داخل ٿي چيو.

”ڀلي آئين.“ سيني وراڻيو. ”هائو ادي هاڻي ڪيئن نه پاڻ کي ڳورو رکندينءَ جو تو ۾ به ڪم ٿا پون.“ ڪامل طنز ڪيس.

”ڪم ڦاٽو اٿوَ تڏهن آيا آهيو، نه ته ڪڏهن ڀلجي در تي آيا آهيو.“ حوران چيس.

”ادي حوران ڇڏ هن پچر کي، هن ويچاريءَ کي ڏس، ڪڏهن ڪان پئي دانهون ڪري.“ سهڻي چيس ته حوران اچي زهران کي هٿ هڻي چيو.

”ادي ڪامل! هن ويچاري جا سور ٿڌا آهن، ٻار ڄڻڻ وارا سور نه اٿس، ڪيترو پئي ويچاري ائين تڙپندي هيئن ڪر، رکيل کي مڪل ته وڃي ڊاڪٽر عارب کي وٺي اچي سور واري سئي هڻي.“ ڪامل جي منهن جا پنا لهي ويا.

”ادي! ائين ٻار نه ٿيندو ڇا؟“

”ڪهڙي خبر سور ٿڌا آهن، الائي ڪڏهن وڃي مچن، ان لاءِ سور واري سئي لڳي ته سور تکا ٿين.“

”ٺيڪ آهي....“ ڪامل چئي ڪونيءَ مان نڪري منهه ۾ آئي. ابا! رکيل وڃي عارب کي وٺي آ ته جوڻي کي سور وڌائڻ واري سئي هڻي.“ رکيل بنا ڪجهه ڪڇڻ جي وڃي جلدي ۾ ڊاڪٽر عارب کي وٺي آيو. ڊاڪٽر عارب هڪ ڏوري ۾ زهران کي سور وڌائڻ واري سئي هنئي. وري رڳ ۾ طاقت واري سئي هڻي هليو ويو. ڪا جهڙ ئي مس گذري ته زهران سورن جا پيهٽ ڏيڻ لڳي، مسلسل سورن متان سور، صفا ڀگهرجي وئي، وڏا وڏا ساهه ڪڻڻ لڳي.

”حوران ڳپل ٽيم ٿي ويو آ، جو ڇوڪري پئي سور ٿي ڪائي، اجان سولي سٽائي جو نالو نسان ئي ناهي.“ ڪامل پريشاني وچان چيو.

”ڏٽيءَ ڪي ٻاڌاءِ اهو سولي سٽائي ڪري باقي منهنجي هٿ ۾ ڇا آهي؟“ حوران چيو.

”حوران ڪجهه عقل کان به ڪم وٺ ڇوڪري سور ڪائي نست ٿي پئي آهي.“ ياڳل چيس.

”يلا مان ڇا ڪيان؟“ حوران پريشاني ڏيکاري.

”زهران هاڻي ڏاڍيان چنگهڻ لڳي.

”ادي ڪامل خير ته آهي؟!“ هڪ ڪراڙي ڪونيءَ ۾داخل ٿيندي ڪامل کان خيريت پڇي.

”حرمت اجان ته خير نه آهي، سور واري سئي به هٽائي آهي پر اجان تائين ڪا شيءِ به ظاهر نه ٿي آهي.“

”حوران تون پاسو ڪر ته مان ڏسان.“ حوران ڪنڌ ڪئي ته حرمت ڏسندي ئي دانهن ڪئي.

”اڙي حوران! صفا نپٽي آهين، سور واري سئي تڏهن هٽائبي آهي جڏهن ٻار هيٺ ڏُرڪي.
ٻار اجان مٿي چڙهيو بينو آهي ۽ تو اڳ ۾ ئي سئي هٽائي ڪدي. صبر ڪرين ها، پل پاڻهي سور تکا ٿين ها، ٻار هيٺ ڏرڪي ها ، پوءِ سئي هٽائين ته سورن جي وڏي وجڻ ڪري ٻار يڪدم جمي پوي ها. ويچاري سور ڪائي ڪائي مري وئي آهي، دائي آهين يا خواري.

حوران جو وات پنجي ويو. ”مونکي ڪهڙي خبر  ته سئي ڪهڙي ٽيم هٽائبي آهي.“

”هاڻي ڇا ڪيان؟ ڇوڪري سور ڪائي ڪائي ساڻي ٿي پئي آهي، ادي گلان هشار(هوشيار) هئي، هن مئي ڪي ڪهڙي ڄاڻ.“ ڪامل منهن تي چنبا هڻڻ لڳي.

”ياڳل!تون ڇوڪريءَ کي ٻانهن کان وٺي مٿي اٿاري ٻيهارينس.“ حوران جي چوڻ تي ياڳل ٻنهي ٻگلن کان وٺي زهران کي مٿي اٿاري ٽيڪ ڏئي ٻيهاريو. زهران اجان وڌيڪ تڪليف کان دانهون ڪرڻ لڳي. ڪامل ڪونيءَ کان نڪري مال جي منهه ۾ اچي پوتيءَ جي پاند مان ڏهه رپيا ڇوڙي رڪيل کي ڏنا.

”ابا هن جون ريوڙيون هٽ تان وٺي ٻارن ۾ ورهاءِ ۽ دعا ڪر ته سٽائي ٿي.“

”امان خير ته آهي نه...“

”ابا خير نه آهي.“ رڪيل هٽ طرف ويو ۽ ڪامل وري ڪونيءَ ۾ آئي.

”ڪامل! وارو ڪر.....ڪو سڳو ڦيٽو اچي ڇڪريءَ جي پيٽ تي گهماءِ من چوٽڪارو ٿيئس.“ سهٽي چيس.

ڪامل جلديءَ ۾ ڳچي مان تعويذ لاهي اچي زهران جي پيٽ سان گهمائي مٿان جهلي بيهي رهي ۽ ٻاڏڻ لڳي.

”اڙي رن ڇوڪري يا ٻار کي ڪجهه ٿيو ته هن جي ذميوار تون آهين.“حرمت چڙٻ ڏنس.

آخر سيني جي دعا قبول ٿي ۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ اوئان اوئان ڪندو ٻار پيدا ٿيو . سيني جي ڇهرن تان مايوسيءَ جو اولڙو لهي ويو، ڪامل ٽڏو چوڪارو پريو ۽ حوران کان پڇا ڪئي.

”حوران ڏسيس ته نر آهي يا مادي.“ حوران ٻار کي ڏسي چيو. ”ادي ڇوڪري آهي.“

”ڇا؟!“ ڇوڪريءَ جو ٻڌي ڪامل جي وات مان رڙ نڪري وئي.

”پهريني مٿي ۾ ڇوڪري لڳي آهي، ڪيتريون نه ٻاسيون ٻاسيون هيونسين، پيرن جا در پٽيا هئاسين، ته به ڪجهه به نه وريو، هن ڇوڪريءَ جي ڄمڻ کان زهران سنڌ پلي هئي،

”اڙي ادي خيرن سان تہ جائي آهي، اڳھڻ ڪيئن ڪرڙيءَ جيان ڦتڪين پئي، ڏٽي سولي سٽائي ڪئي تہ هاڻي منهن بچڙو ٿي ڪرين، ڏيءُ يا پٽ تہ خر ٽيٽو آهي.“حرمت چيس. پر ڪامل منهن ۾ گهنڊ وجهي ڪونيءَ مان ئي نڪري وئي.

## نئون صبح

خالي پاڪيٽ اڇلي نئون پاڪيٽ کولي ان مان سگريٽ ڪڍي دکائي وڏا وڏا ڪش هڻي ٿو، سڄي ڪمري ۾ دونهون ڦهلجي ويجي ٿو.هو آڏو رکيل خالي پنن کي ڏسي ٿو، جيڪي پيڊ ۾ جڪڙيل آهن، پيڊ کڻي ڪجھ لکڻ چاهي ٿو پر موڊ آف هئڻ ڪري ڪجھ بہ لکي نہ ٿو سگهي ۽ پيڊ واپس ساڳي جڳھ تي رکي ڇڏي ٿو. هڪ ڊگهو ڪش سگريٽ مان هڻي هن جي آخري ملاقات ياد ڪري ٿو، جڏهن هوءَ مڪمل سنبري وٽس آئي هئي.

”واھ واھ....... اڄ جناب جي ڪيڏانهن تياري آهي؟“

”ڪيڏانهن بہ نہ......؟

”پوءِ هي بيگ هٿ ۾ ۽ مڪمل سنبريل آهين.“

”تو ڏي ئي آئي آهيان.“

”مون ڏي...اڇا بابا مان ئي هلي توکي شهر جو گشت ڪرائيندس.“

”مان گهمڻ خاطر نہ آئي آهيان.“

”پوءِ ڇا جي لاءِ آئي آهين.“

”مان پنهنجو گهر ڇڏي هميشہ لاءِ تو وٽ آئي آهيان.“

”ڇا.....؟“

”ها....مان تو سان ڪورٽ ميريج ڪرڻ ٿي چاهيان.“

”چري تہ ناهين ٿي.....“

”نہ نہ مان سوچي سمجهي فيصلو ڪري آئي آهيان.“

”هوش ۾ تہ آهين؟“

”هاها مان مڪمل هوش حواس ۾ سان آئي آهيان.“

”اهو ناممڪن آهي....مان ائين هر گز نہ ڪندس.“

”ڇوجواهو ناممڪن آهي؟“ هن جي ڳالھ ٻڌي هوءَ حيرت ۾ پئجي وئي هئي.

”مان تو سان پيار ان لاءِ نہ ڪيو هو تہ توکي ڀڄائي هلي ڪورٽ ميريج ڪري تنهنجي والدين جي عزت مٽيءَ ۾ ملائي انهن کي جيئڻ جي ڪابل نہ ڪيان.“ هن چيو هيس.

”پلي اهڙن والدين جي عزت مٽيءَ ۾ ملجي. جو پنهنجي اولاد کي جيون ساٿي چوندڻ بہ نہ ٿا ڏين.“ اهوءَ ڪاوڙ مان چوڻ لڳي.

”والدين کي گهٽ وڌ نہ چئہ.“

”پوءِ ڇا چوان؟ اسان کي پورو پورو حق آهي، پسند جي شادي ڪرڻ جو پوءِ هي ڇو پنهنجي خانداني رسم کي وچ ۾ آڻي اسان کي جانور سمجهي پنهنجي غليظ رسمن جي نالي تي قربان ٿا ڪن؟“ هن چيو هو،

توُن اڃان ننڍي آهين، تون نہ ٿي سمجهين، ٿورو سوچ والدين ڪيڏي تڪليف برداشت ڪري اسان کي پالين ٿا، ڪيڏو اسان جو خيال رکن ٿا، سردي گرميءَ ۾ پان کي تڪليف وجهي بہ اسان کي سکيو رکن ٿا، والدين اسان جي ڀلي لاءِ سوچيندا آهن، هو اسان لاءِ برو ڪئين سوچيندا؟“ هن ڪيس سمجهايو.

”برو نہ ٿا سوچن تہ پوءِ ڇو نہ ٿا اسان کي پنهنجا حق ڏين؟“ هن چيو هو.

”اسان جي حق کان وڌيڪ والدين جو حق آهي، اسان انهن جو حق مڪمل ادا نہ ٿا ڪري سگهون پر گهٽ ۾ گهٽ انهن جي دل آزاري تہ نہ ڪيون.“ هن چيو.

”تون ڇوڙ ڇا ٿو چاهين؟“

”مان اهو ڇوڙ ٿو چاهيان تہ تون هن محل جذبات جي وهڪري ۾ وهي رهي آهين، ٿورو سوچ ۽ پنهنجي گهر وڃ.“

”نہ نہ مان پنهنجي گهر کي هميشہ لاءِ ڇڏي آئي آهيان.“

”ڇري نہ ٿي واپس وڃ، هن مهل تون انڌ جي گهوڙي تي سوار آهين، پوءِ متان پڇتائين.“

”تون مونسان گڏ هوندين تہ هرگز ڪونہ پڇتائيندس ۽ پاڻ کي خوش نصيب سمجهندس، جو مون کي پنهنجو پيار ملي ويو.“

”ڇري پسند جي شاديءَ جي پڇاڙ تمام خراب ٿيندي آهي، محبوبيت جي وقت هر هڪ پيار ۽ پابوهہ سان ملندو آهي، شاديءَ کان پوءِ پيار ۾ اها تازگي ۽ محبت ۾ اهو مناس نہ رهندي آهي. شاديءَ کان پوءِ محبت جو ڀرم نہ رکيو ويندو آهي، جي ٻنهي جا والدين راضي آهن تہ پوءِ ٻئي ڳالهہ آهي.“ هن ڪيس وري سمجهايو.

”مان ليڪچر ٻڌڻ نہ آئي آهيان، وڃ.....وڃي گاڏي ڪرائي اچ تہ هن مهل ئي شهر کي ڇڏي هليا هلون.“ هوءَ پڙ ڪدي ٻيهي رهي هئي.

”مان ائين هرگز ڪونہ ڪندس.....هر گز پنهنجي والدين کي بيعزتو نہ ڪندس. جيڪي پنهنجي رت پگهر جيان وهائي اسان کي پالي وڏو ڪن ٿا. پڙهائي هن معاشري ۾ جيئڻ جي قابل ڪن ٿا، انهن کي هن معاشري ۾ بدنام ڪيان.انهن جي عزت تي داغ لڳايان.....سڀاڻي تون ڪورٽ جي ڪٽهڙي ۾ پنهنجي والدين جي خلاف بيان ڏياندينءَ تہ هنن جي دل تي ڇا گذرندي؟ اسان هنن جي بددعا ڪٽي ڪڏهن بہ خوش گذاري نہ سگهنداسين. روز اخبارن ۾ پريمي جوڙن بابت پڙهندا آهيون، اهي دربدر ٿيندا آهن، در در جون نوڪرون ڪائيندا آهن، ڪڏهن هِن شهر ۾ تہ ڪڏهن هُن شهر ۾.“

”نيٺ تنهنجي مرضي ڇا آهي.“هن چيوهو.

”منهنجي مرضي اها آهي تہ  واپس پنهنجي گهر وڃ.“

”واپس پنهنجي گهر وڃان ۽ خوشيءَ سان پنهنجي بربادي‌ءَ تي نچان، خوشيءَ سان ٻئي جي ڪنار تي ان جي گهر وڃان، پنهنجي هٿن سان پنهنجي محبت کي قتل ڪيان، خوشيءَ سان پنهنجي يادن کي ساگر ۾ اڇليان. هاهاتو کي وري ڇا ٿيندو؟ ليڪڪ آهين نہ........منهنجي شاديءَ کان پوءِ پنهنجي پيار تي هڪ ڪهاڻي لکي ڇڏيندين ۽ عنوان ڏئي ڇڏينديس”اڻ پورو سفر“ هر هڪ ڇوڪرو چاهيندو آهي تہ امان امير ڇوڪريءَ سان شادي ڪيان، تون ئي هڪ بدنصيب آهين،

جنهن وٽ امير ڇوڪري خود هلي آئي آهي. تون وٽ ڇا؟ سواءِ ڏات جي....“ هن ڪيس طعنو ڏيندين چيو هو.

”بس ثاني منهنجو ڇوڻ وٽ ضد تان لهه ۽ پنهنجي گهر وڃ، هن ۾ ئي پنهنجي ڀلائي آهي، ان سان اسان جي محبت ۾ ڪمي نه ايندي، اڃان به اسان جي محبت وڌندي.“

”مان سمجهان ٿي ته تون پئسي ڏوڪڙ جي ڪري لهرائين پيو، مان پاڻ سان ٽيهه هزار روڪ ۽ ويهه هزار جا زيور ڪٽي آئي آهيان، تون نه گهٻراءِ، توکان خرچ ڪونه ڪرائيندس.“

”بس ثاني بس مونکي غربت جا طعنا ڏئي پنهنجي نظرن ۾ نه ڪيراءِ.....جي مان اهڙو هجان ها ته ڪڏهن کان توکي ڦري لٽي ڪاوان ها.....“

”مان آخري ڀيرو پڇي رهي آهيان، تنهنجي ڇا راءِ آهي؟“

”اڄ به منهنجي اها راءِ آهي، ۽ سياڻي به منهنجي اها راءِ هوندي ته واوس پنهنجي گهر وڃ ۽ خوشيءَ سان پنهنجي والدين جي چونڊيل ڇوڪري سان شادي ڪر.“ هن ڪيس ڪتو جواب ڏنو هو.

”تون بي وفا آهين.....تون مطلبي آهين.....تون بي درد آهين“ ويندي ويندي هوءَ طعنا ڏيئي هلي وئي هئي.

اوچتو هو فون جي گهنٽيءَ تي هو ڇرڪي پوي ٿو. آڱرين ۾ جهليل سگريٽ ڏانهن ڏسي ٿو ته اهو ڪڏهن کان وسامجي چڪو هو. فون جي ٻئي رنگ تي اٿي رسيور ڪڻي ”هيلو“چوي ٿو.

”لڳي ٿو ته تنهنجو سڪون به قتل آهي.“ پريان هن جو آواز ٻڌي دل خوشيءَ مان تيز ڌڙڪڻ لڳيس ٿي.

”اسان ليڪڪن جو سڪون ته ازل کان قتل آهي پر تون ٻڌاءِ ته اڄ ڪيئن وسريل کي ياد ڪئي؟“ هن پڇيس.

”تون وسريل ٿورئي آهين. تون ته هميشه منهنجي دل ۾رهندو آهين.“ هن چيو.

”مس ثانيه هاڻي مونکي پنهنجي دل ۾ نه رهاءِ........منهنجو حق هاڻي توتي نه آهي. هاڻي پنهنجي مڙس کي دل ۾ جاءِ ڏي.“

”افسوس جاءِ نه ڏيئي سگهي مانس.“

”ڇا مطلب.......؟“

”مطلب ته مونکي طلاق ڏي ڇڏيائين.“

”ڇا.....؟“ هن جا حواش خطا ٿي ويا.

”هيلو ڇا ٿيو اٿئي؟“

”ها ڪجهه به نه ....پر ٻڌاءِ پنجن مهينن دوءران طلاق ڏئي ڇڏيائين. آخر ڇا جي ڪري؟ هن پڇيس.

”تنهنجي ڪري.....“

”منهنجي ڪري......“ حيرت ۾ پئجي وڃي ٿو.

”ها تنهنجي تصوير بيڊ تي ڏنائين ان ران ٽپي باهه تي ويو ۽ چيائين ته مونکي اهڙ خبر نه هئي ته تو اهڙي آهين، اهڙين عورتن جي لاءِ منهنجي گهر ۾ جاءِ نه آهي.“

”پوءِ ڇا ٿيو.“

”پوءِ وري ڇا ٿيو تي پيرا طلاق لفظ ورجائي، مون والدين طرف اماڻي ڇڏيائين.“
هو پاڻ کي قصور وار سمجهڻ لڳو تہ هن جي ڪري ٿاني جو گهر برباد ٿي ويو.
”هيلو......ڇا ٿو سوچين؟“
”سوچان ٿو تہ تنهنجو ڏوهي مان آهيان، منهنجي ڪري تنهنجو گهر.......“
”ڇڏ ڪٽي هاڻي ان ڳالهہ کي، تون ٻڌاءِ تہ تون پنهنجي ڳالهہ تي ثابت قدم آهين نہ....“
”ڪهڙي ڳالهہ تي.....؟“
”ان ڳالهہ تي تہ جڏهن ٻنهي جا والدين راضي هجن تہ پوءِ محبت جي شادي راس ٿئي ٿي.“
”ها......مان چيو هيو......پر تون ڇوڻ ڇا ٿي چاهين؟“
”مسٽر مون پنهنجي والدين سان تنهنجي ڳالهہ ڇيڙي.......هاڻي آسان جي شادي تي راضي آهن.“
”ڇا..........؟“
”ڇو ڳالهہ نہ وڻيئي ڇا؟“
”نہ نہ اهڙي ڳالهہ نہ آهي.“
”هاڻي ٻڌ سياڻي پنهنجي والدين کي منهنجي گهر مڪلجانءِ نيڪ آهي نہ...“
”هاها نيڪ آهي پر مونکي تون ٻڌاءِ تہ تون منهنجي تصوير لڪائي ڇونہ هئي؟“
”مون ڇاڻي واڻِ تنهنجي تصوير بيڊ تي رکي جيئن منهنجو مڙس تصوير ڏسي مون کي طلاق ڏئي ڇڏي.....“
”ها بابا هونئن نہ تہ هينئن تنهنجي ڪنوار بڻيس.....اوڪي باءِ...“ پريان رابطو ٽٽو تہ حيرت ۾ پئيجي وڃي ٿو.

## وقت جو ڦيرو

وڏي گهر کان گهٽو پريرو ڇئن گهرن تي مشتمل هڪ شانتي نگر ويڙهو، امن ،صبر، ايڪي جو پيڪر ۽ هڪ مثال قائم رکندڙ ويڙهو. ڇئن گهرن ۾ ”پ“ جو گهر وچ ۾، اتر طرف”ا“ جو گهر، اوير ۾”هہ“ جي گهر جي رهائش، اولهہ کان”چ“ جو مڪان، ڏکڻ طرف هڪ طلاءُ.....ڪڏ جي ساڃي ڪپ سان سندس اچ وڃ جو رستو...."پ“ جي گهر ۾ خود، سندس زال ۽ ٽي ٻار، هڪ نياڻي ۽ هڪ پٽ.....ٻن ڪائنين تي نهيل اوڏڪي ڪوني....جنهن ۾ ٽپڙن جو منجو، هڪ ڪاٺ جو صندل، جنهن هڪ وچولي پيتي، جنهن ۾ پائڻ جا ڪپڙا پيل...۽ هڪ ڪاٺ جي ڪاري، جنهن ۾ ڪائڻ پيئڻ جا ٿانوَ رکيل....صندل پرسان مٽيءَ جون نهيل ٻہ گنديون، هڪ ۾ اتو تہ ٻئي ۾ چانور وڌل........ڪونيءَ جي اترئين پاسي ميڻهن لاءِ نهيل منهہ......ڪوني جي ڏکڻ پاسي پلال جو ڪرو.......گهر کي چوڌاري لوڙهو ڏنل. لوڙهي جي در پرسان ڪتي جو ڊير. سندس پيءُ چار ايڪڙ زمين جو مالڪ ٻڌايو هليو ويو، ٻنيءَ تي سندس گذران........ٻين گهر وارا بنسبت وڏيڪ امير.......زمين.....سڃي ويڙهي ۾ وڏيڪ حساس، هر ڪنهن جي وڏيڪ ڪم ايندڙ ۽ هر ڪنهن سان محبت ڪندڙ”پ“.

جڏهن دنيا ترقي ڪئي، مختلف ايجادون ڪيون، هٿرادو موت جا اوزار تيار ڪيا ويا،تن ۾”ڪوڙڪي“ به ناهي وئي. ڪوڙڪي نهڻ سان ئي ٽن گهرن ڪوئن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوڙڪيون خريد ڪيون ۽ ڪوئن مٿان موت جي سايو پوڻ لڳو. ٻين گهرن وارن تي ريس ڪندي ”پ“ جي گهر واري چيو:

”اڙي ٻڌا! ”ا، چ ۽ ه گهرن وارن ڪوڙڪيون خريد ڪيون آهن. هر روز هڪ هڪ گهر ۾ هڪ ٻن ڪوئن جو موت ٿئي ٿو، اسانجي ڪوٺيءَ ۾ به ٽيڙن جي منجي هينان به ٽي ٻرڙون آهن. هر روز ڪوئي ڪَيَر ڪيان ٿي، تون به وڃين ڪوڙڪي وني آ ته دشمنن کي پنهنجي گهران نيڪالي ڏيون.“

گهر واريءَ جون ڳالهيون ٻنهه نه وٽيس. سمجهائڻ واري انداز ۾ چيائين، ”ساسي آهن. ڇا ٿا ڪن؟ ڪهڙو اسان تي بار آهن، پيا گهمن ڦرن.“

”اهي زيان ڪور آهن. سر سدائين زيانن ۾ اٿن. پاڻ واري نندي جو سوئيٽر کي ٽڪيو اٿن. ڪالهه تو ٻتالون آندا هئا، ڪاري ۾ وجهي ڪاري صندل هينان رکي هيم...انهن ٻتالن کي به ڪاٽو اٿن. اڳ ۾ ڪوڙڪيون نه هيون، هاڻي نهيون، ڇو انهن دشمنن کي وڏڻ ڏيون.“

”ساسين جو ساهه ڪونه وٺنداسين. پاڻ به ٻچڙي وال آهيون، پل وڏن. اسان تي بار ڪونه پوندا.“

”پ“ اهي ڳالهيون گهر واريءَ سان ڪوٺيءَ جي آڏو پيل کٽ تي ڪيون. نيڪ ان وقت هنن جون ڳالهيون در جي پرسان لڪي بيٺل وڏي ڪوئي ٻڌيون، انهن جي گفتار ٻڌي يڪدم پنهنجي خاندان ۾ آيو، ۽ صلاح پيش ڪيائن.

”ا، ه ۽ چ جي گهرن ۾ اسان جي سنگتين جو قتلِ عام پيو ٿئي.

جي ٻرن مان نه ٿا نکرن ته ٻک ۽ اج کان ٿا مرن. جي سوراخن نکري کاڌي جي تلاش ڪندا آهن ته سنڌن رستن تي موت جي وت ۾ گرهه پيو هوندو آهي. ٻک کان موت جي وات مان گرهه کسڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته موت جي ڊگهي زبان پنهنجي گرفت ۾ آڻي انهن جو ساهه ڪڍي ڇڏيندي ٿي، ”پ“ گهر وارو رحمدل آهي، ان کي اسان جي باري ۾ ڪائي شڪايت ڪانهي. مان چوان ٿو ته ٽنهي گهر وارن سبچيل ساٿين کي ”پ“ جي گهر اچڻ جي دعوت ڏيان.“

وڏي جي صلاح سيني کي وڻي. سيني هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو، هو ڪوٺيءَ مان نکري، اترين پاسي واري لوڙهي جي هينيان پار ٽيل ٻر مان نکري گهٽيءَ ۾ اچي پهرين ”ا“ جي گهر جو رخ ڪيائين. گهر ۾ داخل ٿي کٽن هينان ٿيندو ڪوٺيءَ ۾ داخل ٿيو. هن ڏٺو ته ساٿين جي ٻرن پرسان موت وات ڦاڙيو وينو هو. ٻرن مان سندس ساٿي،ٻاهر واجهائي رهيا هئا.

ڪوٺيءَ جي اترين ڪنڌ واري ٻر مان هڪ معصوم نکري ٻک کان تنگ ٿي، موت جي وات مان گرهه کسڻ جي ڪوشش ڪئي. سيني وڏي واڪي منع ڪيس پر هن ٻل ٻک جي شدت کان ڪنهن جي به دانهن نه ٻڌي، موت جي ڊگهي زبان پنهنجي گرفت ۾ آڻي. جهلي بيهي رهيس! هن جي جان مان سيسراٽيون نکري ويون، ٻيا سڀ پنهنجي سنگتيءَ کي ڦٿڪندي ڏسندا رهيا. جڏهن موت ساهه چوسي ورتس ته ساڪن ٿي ويو. هن جي اکين مان لڙڪ ڪري پيا. ڊگهو ساهه کڻي وڏي واڪي چوڻ لڳو:

”ا“ جي گهر ۾ رهندڙ بک کان پاهه ٿيل اي ساٿيو! هن موت جي چوءڪٽ کي ڇڏي مونسان ”پ“ جي گهر هلو. اهو تمام رحمدل آهي. هنن جيان موت جو سوداگر ناهي.هواسان لاءِ هر رات مانيءَ جا ٻور ڪونيءَ ۾ رکندو آهي. اسان ڏوء ڪندا آهيون ۽ اسان لاءِ نڪر جي ڇٽ ٻه پيل هوندي آهي. جنهن مان اچ لڳڻ تي پاڻي به پيئندا آهيون. منهنجي صلاح اها اٿوَ ته هن گهر کي الوداع چئو ۽ مونسان ”پ“ جي گهر هلو.“

سيئي پنهنجي ٻرن مان هن جو آواز ٻڌڻ لڳا. هنن مان هڪ وڏي چيو، ”تون صحيح ٿو چوين. پر اسان پنهنجي ابن ڏاڏن جو ديس ڪونه ڇڏينداسين. ڇاوا به هتي آهيون مرنداسين به هتي.“

پنهنجي وڏي جي ڳالهه ٻڌي سيني ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي. سيئي مظلوميت واري انداز ۾ چوڻ لڳا، ”اسان ٻنهه تباهه ٿي ويا آهيون. اسان جا ڪي ساٿي قربانيءَ طور موت جي وات ۾ پوندا آهن ته اسين موت جي وات مان گرهه ڪڍي پيٽ کي ڍوڍو ڏيندا آهيون. اسان جي اکين اڳيان اسان جا ساٿي مرن ٿا. اسين هن ديس کي ڇڏينداسين.“

سيني جي يڪ راءِ ٻڌي وڏي هار مڃي. هو خوش ٿيو، سيني کي گهر مان ڪڍي گهٽيءَ ۾ بيهاري چوڻ لڳو، ”توهان هتي بيهو، مان وڃي ”هه“ ۽ ”ڇ“ جي گهر وارن ساٿين کي وٺي اچان، پوءِ سيئي گڏجي هلنداسن.“

هن جي ڳالهه ٻڌي هو بيهي رهيا ۽ هو ”هه“ جي گهر ۾ داخل ٿي هلندو ڪونيءَ ۾ ويو. ٻن سنگتين جا لاش موت جي وات ۾ ڏسي هراسجي ويو انهن کي به ساڳئي صلاح ڏنائين. پهريان هو نٽائڻ لڳا. پنهنجي جنم ڀومي کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئا. هن جي گهٽي سمجهائڻ تي نيٺ هو به راضي ٿي ويا. هنن کي وٺي هنن وٽ بيهاري، وري ”ڇ“ جي گهر ويو. اتي ڪنهن به ساٿيءَ کي موت جي وات ۾ نه ڏسي سک جو ساهه کنيائين. هنن جي آڏو به نيڪ صلاح پيش ڪيائين. هو جلدي راضي ٿي ويا. ڇو ته انهن جو چڱو موت جي منهن لڳي چڪو هو. هر ڪو پنهنجو پاڻ خان هو، هن سان گڏجي انهن بيٺل ساٿين وٽ آيا.

سيني جي سربراهي ڪندي لوڙهي جي سورخ مان هڪ هڪ ڪري سيني کي ”پ“ جي گهر ۾ داخل ڪيو ۽ هن وڏي واڪي ڳالهايو، ”منهنجا ساٿيو! دل ۾ نه ڪجو. ڪوني صفا سوڙهي آهي، جنهن ۾ اڳ ئي انهن جو گهڻو سامان رکيل آهي، مان به پنهنجي خاندان سان ٽپڙن جي منجي هينان رهان ٿو هن لاءِ توهان هن پلال جي ڪري ۾ پنهنجو پنهنجو آستانو ناهيو. پلال ۾ ان جا داڻا آهن. اهي به کائجو ۽ ”پ“ مانيءَ جا ٻور رات جو ڪونيءَ ۾ رکمدو آهي. پوءِ رات جو اچجو ته گڏجي کائينداسين.“

سيئي هن جي ڳالهه مڃي پلال ۾ پنهنجو پنهنجو لڪڻ جو هنڌ ناهي، ڏنهن ٽيڻ کان اڳ لڪي ويا.

وقت گذرندو رهيو. ٻين گهرن وارن پنهنجي ڪونين ۾ ڪوئن هئڻ جا آثار نه ڏسي ڪوڙڪيون لڪائي ڇڏيون. ”پ“ جي گهر پلال جي ڪري، ڪٽي جي ڍير ۽ لوڙهي ۾ ڪوئن، ٻر ناهڻ شروع ڪيا ۽ ڪوئي ڪيرن جا ڍير ڪڍڻ لڳا.

”پ“ ڪپنيءَ ۾ مانيءَ جا ٻور ڪونيءَ ۾ رهندڙ ڪوئن لاءِ رکندو هو، پر هاڻي عوام وڏي چڪو هو. ڪتو ٿو ٻورن مان ڏهُ ڪري. بک کان ڪوئن پلال کي به ڪتري کائڻ شروع ڪيو.

”پ“ جي گهر واريءَ سپ ڪجهه ڏسندي ”پ“ کي سمجهائڻ واري انداز ۾ چيو، ”مان ڏسي رهي آهيان تہ تنهنجي ان قياس ڪري ٻين گهرن جا ڪوئا بہ اسان جي گهر هلي آيا آهن. پلال جو خانو خراب ڪري ڇڏيو اٿن. هروز ڪونيءَ مان ڪوئن جون ليڏيون ٻهاري ڪيندي آهيان. ڪوئي ڪيرن جون بہ ٽي ٽشاريون پلال ۾ ڪٽي جي ڍير مان ڪيندي آهيان. هاڻي بہ چوان ٿي تہ ڪوڙڪي وني اچ، نہ تہ اهي ڪوئا پاڙ ائين تہ ڪوٽيندا جو خبر ئي نہ پوندي. هڪ ڏينهن زمين تي منهن پر ڪرندين.“

”هوير چو ساسين جو پويان هٿ ڌوئي پئي آهين. جتي وٽين پل ڪائيندا اپائيندا وتن، تون رڳي باهہ نہ اوڳاچ.“

”پ“ جي اهڙي جواب تي سندس گهر واري خاموش ٿي وئي.

ڏينهن گذرندا رهيا. ڪوئن ”پ“ جي گهر کي پنهنجو آستانو بڻايو.مانيءَ جي پوريل ٽڪرن مان پورت نہ پوندي ڏسي، ڪجهہ ڪوئا چوري اٽي ۽ چانور وارين گندين هينان سورخ ڪدي اٽو ۽ چانور کائڻ لڳا، اها خبر سيني ڪوئن کي پئي، پر وڏا ڪاوڙ ڪرڻ دران خوش ٿيا ۽ رات ٿيڻ تي سمورا اٽي ۽ چانور جي گندين م ڪاهي پيا. ڪائڻ ڪانپوءِ وري ليدبيون لاهي هليا ويا.

صبح ٿيڻ سان ”پ“ جي زال اٽي ۽ چانور سان اها حالت ڏسي ابولي ابولي ڪئي، پر ”پ“ اٽي کي چاٽڻ ۽ ليندبيون ڪيڻ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ چيو.

هڪ ڏينهن سندس ٽنهي ٻارن احتجاج ڪندي ٻين گهرن مان ٽي ڪوڙڪيون وني اچي منجي هينان اڏيون، پل ئي مس گذريو تہ زيتون جي بوءِ تي ”نڪ نڪ ڪري ٽي ڪوئا ڦاسي پيا. ”پ“ ڪوڙڪي ۾ ڦاٿل ڪوئن کي ڏسي ٻارن کي ڏاڍا ڌڙڪا ڏنا. ٻار صفا هيسجي ويا. آئندا احري حرڪت ڪرڻ ڪان نڪ ۽ ڪنن کي مهٽڻ لڳا. ”پ“ ڪوڙڪيون تلاءَ ۾ ڦٽي ڪيون ۽ مالڪن کي پئسا پري ڏنا، اهو سپ ڪجهہ ڏسندي ٻڌندي سيني وڏيڪ شرارت ڪندي هڪ رات ڪونيءَ ۾ داخل ٿي ٽپڙن تي چڙهي وهاڻن،رلين ۽ سوڙين کي چپي چپي تي ٽنگ ڪيا.

”هڪ ڏينهن ”پ“ جي گهر واري ٽپڙن جي سڌ لهندي منهن تان ٽپڙ لاهي ت ڏنا تان رڙيون نڪري ويس . سجو ويڙهو مٽي تي ڪنيائين ، ويڙهي جون مايون سندن رڙين تي اچي گڏ ٿيون. ٽپڙن جي حالت ڏسي اهي بہ ”پ“ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳيون

”ا“، ”هہ“ ۽ ج بہ ”پ“ کي گهڻو سمجهايو تہ ”انهن سان مذهمدردي ڪرڻ ڇڏي ڏي، اهي ڪنهن جا بہ سڄڻ ناهن. هڪ ڏينهن اهڙو تي نقصان ڏيندئي جو ياد رکندين.“

”پ“ هنن جو ڳالهيون هڪ ڪن ڪان ٻڌي ٻئي مان ڪدي ڇڏيون. ”پ“ جي گهر واري ۽ ٻارن بہ سندس گهڻو چيو ۽ ايلاز ڪيا، ”انهن کي پنهنجي گهر ۾ نہ رهايو، پنهنجي گهر مان ڪين نيڪالي ڏيون. ”پ“ هنن جي بہ هڪ نہ ٻڌي ۽ پنهنجي گهر ۾ ڪوئن کي خودمختياري ڏئي ڇڏي

ڪوئا بہ آهستي آهستي پلال جي ڪري، ڪٽي جي ڍير ۽ لوڙهي مان نڪري، ”پ“ جي ڪوني ۾ داخل ٿي پٽين ۾ سورخ ڪدي رهڻ لڳا. مڪمل ڪونيءَ تي قبضو ڪري ڇڏيائون.

هڪ رات پورب ڏانهن ڪنوڻ چمڪڻ لڳي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي آسمان ڪارن ڪڪرن سان ڍڪجي ويو. ڪنوڻ ۽ گوڙ وئي وڌندي. ”پ“ اتي مينهن چوڙي منهن ۾ ٻڌڻ ويو. سندس گهر واري ڪٽ هينان پيل چمني ٻاري، ٻارن کي اٿاري ڪونيءَ طرف وئي. ڪونيءَ وٽ پهچڻ شرط سندس ڪونيءَ طرف آڱر جو اشارو ڪيو . ”پ“ پنهنجي گهر واري جي هٿ مان چمني وٺي ڪوني طرف وڌيو.در وٽ بيهي ڪوني اندر جاتي پائي ڏٺائين ته جان مان سيسراٽيون نڪري ويس. خوف جي لهر رڳ رڳ ۾ ڊوڙڻ لڳس.

اندر ڪوني ۾ سمورا ڪوئا، شير ٻڌجي ويا هئا. ۽ بجاءِ هن کان ڊڄڻ جي، وات ڦاڙي هن طرف وڌڻ لڳا ”پ“ منهه طرف ڊڪ پائي گهر واري ۽ ٻارن کي وٺي لوڙهو اورانگهي تلاءِ جي ڪپ سان ڊوڙڻ لڳو

## ٽيڪ بنا

ڪڏهن ڪڏهن ائين به تصور ڪندو هئس ته شهر جا روڊ،رستا گهٽيون، در دريون ۽ ٽنيا به چتريون ڪندا هجن ته. ” ڏسو ڏسو هڪ زميندار جو پٽ ريڙهي ٽو وهائي، اڙي...اڙي....اڙي....“ پر ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ حجاب لهي ويو هو. ڳوٺ طرف منهن ئي نه ڪيو هئم ته ڪو منهنجو آهي.

ان معاشري جي ڪهاڻي جتي رشتن جا سڙهه ستٽ نه سهن

ويران ٽي ويل ڪوهه....چوڌاري ڦٽي پيل ڊپ........بير پرسان ڪجي، جنهن جي ڦرهين مٿان ڪڏهن ڪڏهن چيرن جو اچي ويهڻ ۽ ساين اکين جو بنا چنيڻ جي اسان طرف گهورڻ...خوف جو عجيب سيئاندو....وري پنهنجي هٿ مري ڪين اڏارڻ....پرسان به ٽوٽيون ڪوڙيل....هڪ پاسيري بنا ٽيڪ جي، ته ٻئي سڌي ٻنهي پاسن کان به ڪانيون ٽيڪ طور ڏنل....اوپر کان بنجر زمين، جنهن مٿان ڪاراهي جو قبضو.....ان زمين کان ٿورو نيڪال جي پاڻيءَ لاءِ نڪتل سم....جنهن مان پاڻي گهٽ هئڻ ڪري مچين تي ڪوڪڙات ۽ بين پکين جو لهڻ....ڪنهن ڪنهن مهل گدڙن جون اوناڙيون ۽ پکين جو ڦٽ ڦٽ ڪري اڏرڻ جو آواز....اُتر کان ٻئي شهر ڏي ويندڙ شاهراهه.....جنهن مٿان مختلف گاڏين جي انجڻين جو آواز.....ڏکڻ طتف وڻن جي جهڳٽن مان ليئا پائيندڙ راهوجا ڳوٺ جا بلب.....۽ اولهه پاسي روشنين سان سينگاريل پنهنجو شهر.......اهڙي جاءِ تي چانڊوڪيءَ وارين راتن ۾، رشيد ۽ مان اچي ويهندا آهيون، نه ته اوماس واريون راتيونهوٽلن تي ويهي ڪچهري ڪندي گذرنديون آهن. الاءِ جو اسان کي اهڙي سنسان جاءِ تي سڪون ملي ٿو. تڏهن پنهنجي شهر کان ميل ڪن پنڌ ڪري ايندا آهيون. پاڻ سان گڏ سگريٽ جو پاڪيٽ ۽ چرس جا ٽڪا ڪٽي ايندا آهيون، ڪڏهن رشيد ته ڪڏهن مان.اچڻ سان ٻن سگريٽن مان تماڪ ڪڍي، چرس جي ٽڪي کي اڌو اڌ ڪري باهه ڏئي تماڪ ۾ ملائي سگريٽ پري مزي سان پيئندا آهيون.پيئڻ سان ئي سڪون اچي ويندو آهي. پوءِ مختلف موضوعن تي بحث ڪندا آهيون. گڏو گڏ سگريٽ به پيئندا آهيون، هر وقت رشيد ٻنهي ٽوٽين طرف منهن ڪري طنز واري انداز ۾ چوندو آهي، ”يار!تون ان پاسيري ٽوٽي مثل آهين، تو کي ڪنهن جي ٽيڪ نه سهارو، ڪهڙي وقت به ڪرين سگهين ٿو. اهڙو ڪِرڻ جو وري نه اٿڻ.“ رشيد جي پاسيري ٽوٽيءَ سان تشبيهه ڏيڻ تي پهريان دل وسامي وئي

هئي. ڏک ڏاڍو ٿيو. رشيد جي واتان اهڙي جملي ٻڌڻ جي توقع نہ هئي. پوءِ آهستي آهستي سهي وڃڻ لڳم. رشيد جو بہ تہ ڏوهہ ناهي، آهيان بہ تہ جائي پاسيرو ٿوٽي جيان پاسيرو، ٽيڪ ئي نہ سهارو، سهارو ابا پائرن ۾ نہ ويجهي ۾ پري عزيز جو، پر انهن سهارن کي تہ پاڻ ٽڏي آيو آهيان، گهر، ابو، پائر ۾ پري اوسي جا عزيز. ڇا ڏوهہ هو منهنجو؟نہ بلڪل بہ نہ ......ابا جنهن کي ڏاڏو رت پگهر وهائي سوء ايڪڙ زمين ناهي پاڻ ابدي ننڊ سمهي پيو،تنهن اولاد جو خيال نہ رکيو، اچي ڏاڙهيءَ ۾ ٽن ٻارن جي ماءُ (پنهنجي هارياڻي) کي پڙڪائي ڪٽي وڃي ڪورٽ چاڙهيو. مائيءَ جي مائٽڻ پنهنجي غربت ڏسي يا ابي جو ڏاڍ پسي اُف نہ ٻوليو ۽ ابا ان عورت کي اسان جي ماٽيلي ماءُ جو درجو ڏئي گهر وٺي آيو. هن امان جو خيال بہ نہ رکيو. جنهن جيون جا پنجويهہ سال گذاريس، جنهن هن گهر ۾ وار چاندي ڪيا، جنهن ڪيس پنجن ٻارن جو پيءُ بڻايو ۽ جو اڌ حق بہ ان عورت کي ڏئي ڇڏيو. هڪ ئي گهر، پهاج ابا جي پسند، پوءِ ڪٿي پئي امان جي عزت بچي.ان عورت تہ اهڙا عورتاڻا مڪر ڏيکاريا جو ابا هڪ سال اندر امان کي طلاق ڏئي ڪيس سندس هيروئيني ۽ لاچي ڀاءُ ڏانهن اماڻي ڇڏيو. امان جي گهر مان نڪرڻ مهل ائين ڀانيم جڻ امان هن گهر نہ پر هن جهان مان ئي هلي وئي هجي. امان جي ممتا جي چانو تہ سيني مٿان هئي، پر گهاٽو چانوَ مون مٿا هو. شايد ان ڪري تہ جڏهن ابا ان عورت سان شادي ڪئي هئي تہ امان سان گڏ مان بہ اوچگارون ڏئي روئي رهيو هئس.ايتري قدر جو امان بس پئي ڪئي تہ بہ مان رنم پئي، يا ان ڪري جو مان ڏيءُ جو روپ ڌاري امان سان گهريلو ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائيندو هئس.امان ٻٽالون چليندي هئي تہ مان بصر وڍيندو هئس. امان ماني پچائيندي هئي تہ چلهہ ۾ ڪانيون سوري مان وجهندو هئس.امان ٿانوَ مليندي هئي تہ پاٽي ۾ مان ڌوئيندو ويندوو هئس، امان ٻهاري ڏئي گند ڪچروگڏ ڪندي هئي تہ اهو گند ڪچرو مان ڪٽندو هئس.يا ان ڪري تہ سيني ڀائرن کان مان ننڍو هئس. ماٽيلي ماءُ جي مار کان گهر ڇڏي اچي امان سان لالچي ۽ هيروئني ماما جي گهر رهڻ لڳس. نيٺ هڪ ڏينهن ماما لالچ جو مظاهرو ڪندي راتو واهہ بنا امان جي پڇڻ جي دلال جي مدد سان چانديءَ پيل مٽي سان امان کي ڪجهہ ڏوڪڙن عيوض وڪري ڪيو هو. ايترو تہ مان ۽ امان رنا هونداسين. پوءِ اهي امان کي وٺي ويا، وڪاميل ڪنهن منهن يا ٻڪري جيان. پوءِ مان مامي جو گهر ڇڏي اچي ماسيءَ جي گهر رهڻ لڳو هئس. ماسي جنهن کي قدرت اولاد جي نعمت کان محروم رکيو، نہ پٽ نہ ڌيءُ.....جڏهن مان چائو هئس تہ ماسي آئي هئي ۽ امان کي چيو هئائين،

”ادي توکي رب گنج ڏنا آهن، پنج پٽڙا اٿئي، هي ننڍڙو مونکي ڏي، مان نپائيندي سانس ۽ پٽڙو ڪري سڏيندي سانس، گهر ۾ زال مڙس نوها وينا آهيون.“

”امان چيو هيس.“ادي!منهنجي پيٽ آهين، اکين جو نور آهين، پر مان پنهنجو هيانوَ جو ٽڪرو نہ ڏيندي سانءِ.“

”چو ادي، وڏي پيٽ آهيانءِ!؟ ادا کان مان پاڻ ئي موڪل وٺنديس، رڳو تون ها ڪر.“

”نہ نہ ادي، مان پيرن تي پوتي تي وجهانءِ، يا چوين تہ سائين ڪٽي اچانءِ، ان ڳالهہ تان لهي وڃ.“

”بس بس ادي مون توبهہ زاري ڪئي!“ماسي خاموش ٿي هلي وئي هئي.

ماسڙ جي جاءِ پنهنجي آهي ۽ ريڙهي تي سبزي وڪڻندو آهي، پوءِ مان ماسڙ کي گهر ويهاري پاڻ ريڙهي تي سبزي ڪٽي ڪپائڻ لڳس.

”ونو پلي، پالڪ، بھہ، ٻتالون، بصر، تماتا، تومہ ڏاٽا مرچ...“ پھريان ڏاڍو چڪي ٿيندو هئس، ائين ڀائيندو هئس جڻ گھٽيءَ ۾ هر ايندڙ ويندڙ توڙي گراهڪ بہ چوندا هجن، ”حيف اٿئي ريڙهي وهائڻ سان.“ ڪڏهن ڪڏهن ائين تصور بہ ڪندو هئس تہ شهر جا روڊ، رستا، گھٽيون، در دريون ۽ ٿنيا بہ چٽريون ڪندا هجن تہ ”ڏسو ڏسو هڪ زميندار جو پٽ ريڙهي ٿو وهائي، اڙي...اڙي...اڙي...“ پر ڪجھہ ڏينهن ڪانپوءِ حجاب لهي ويو هو. ڳوٺ طرف منهن ئي نہ ڪيو هئمتہ ڪو منهنجو آهي. ابا تہ هونئن ئي دشمن نڪتوپر ڀائر بہ ابا جي رڳ تي ويا، امان جي گھران نڪرڻ مهل ”اوئون“ بہ نہ ڪيائون.امان جي بہ خبر چارئي نہ پئي آهي تہ ڪٿي آهي، ڪٿي نہ....نہ ئي ڪڏهن ماما جي گھر جو رخ ڪيم، لاڳيتو مونکان ڀاڄي وٺندو ڳالهائيندي ٻولهائيندي رشيدءِ منهنجي وچ ۾ دوستي ٿي وئي هئي....۽ رشدي هميشہ ڳالھہ ٻولھہ جي شروعات ڪان اڳ، وچ ۾ يا آخر ۾ ٻنهي ٽوٽين منهن ڪري چوندو آهي، ”دوست! مان ان ٽوٽيءَ جي مثل آهيان، جنهن ڪي ٻني پاسن کان ٽيڪ/سهارو ڏنل آهي. ڪڏهن بہ ڪهڙي وقت مان نہ ڪرندس، ڇو تہ منهنجي ٻنهي پاسن کان مضبوط سهارا آهن.“ رشيد جي ان جملي تي پهريان احساس ڪمتريءَ ۾ هليو ويندو هئس، هي ڪهڙو قسمت جو تماشو آهي؟ تہ ڪنهن ڪي ٻہ ٻہ ٽيڪ طور سهارا ۽ ڪي پاسيرا بينل، بنا ٽيڪ جي ٽوٽيءَ وانگر...رشيد جو ڏوهہ ناهي، واقعي رشيد ڪي ٻنهي ٻانهن کان جهلي هلندڙ بہ مضبوط سهارا آهن....هو ڪڏهن بہ ڪري نہ سگھندو. هڪ پاسي سندس پيءُ جي مضبوط ٽيڪ....ڪيس پيءُ ڪاني ٻيٺي ڪرڻ بہ نہ ڏئي، پاڻ مٿان تڪليفون برداشت ڪري، رشيد کي ڏکيو نہ ڪري. ڪري بہ ڇا، اڪيلو جو اولاد اٿس، نہ ٻيو پٽ نہ ٻيو ڌيءُ. پنهنجو پنهنجو رت پگھر وهائيسني ملڪيت ناهي ويو.دڪان ۽ ڪافي جايون ڪرائي تي ڏنل...پيءُ جي بيحد پيار ڪري رشيد پنهنجي تعليم اڳتي نہ وڌائي سگھيو. بس ميٽرڪ پاس ڪري ويهي رهيو، ڪيسي مان هڪڙا پئسا ڪڍندا ئي نہ اٿس تہ ٻيا پئجي تا وڃنس. رشيد جي واتان صرف فرمائش نڪڻ جي دير هوندي آهي. اهڙي ٽيڪ هوندي ڇا ڪڏهن رشيد جهڪي سگھي ٿو.؟ ٻئي پاسي محبت جو سهارو......ساهدا جنهن ڪي پيار مان چاهي چوندو آهي، جنهن جي ساڻس بيحد محبت آهي، پنهنجي جان مٿس قربان ڪرڻ لاءِ تيار. رشيد هر وقت شاهدا جو ذڪر ڪندو آهي، ڪڏهن ڳالهين ۾ سندس ذڪر نہ ڪري تہ اها ڳالھہ ٻول جڻ لوڻ بنا ڀاڄيءَ جي لڳندي اٿس. رشيد هميشہ چوندو آهي، ”دوسر! راتمان ڦري منجھند تي سگھي تي، پر شاهي ڪڏهن بہ مون مان خفا نہ ٿيندي.“

سمجھائيندي چوندو آهيانس،”رشيد! ڪڏهن بہ ڪنهن رشتي جي سهاري نہ هلندو ڪر، پنهنجو پاڻ ڪي بنا سهاري جي هلڻ سيکار، پل ڪٽي توسان بيحد لڳاءُ اٿن پر وقت جي بدلجڻ سان گڏ سهارا/رشتا بہ بدلجي ويندا آهن.“

”نہ نہ، تون بڪواس تو ڪرين! مون کان ڪڏهن بہ خفا نہ ٿيندا.“ مان خاموش تي ويندو هئس. ۽ سوچيندو هئس تہ واقعي رشيد کي ٻن سهارن جي ٽيڪ آهي، ڪڏهن بہ  نہ ڪرندو ۽ مان پاسيرو ڪهڙي مهل بہ ڪري سگھان ٿو. مون صرف هڪ سهاري جي ٽيڪ هجي ها تہ ڪرڻ جو پوُ نہ ٿئي ها. مان هميشہ پنهنجي ڪرڻ جي انتظار ۾ هوندو آهيان، جڏهن بہ هن جاءِ تي ايندو آهيان تہ پهريان پاسيري ٽوٽيءَ ڏانهن ڏسندو آهيان. ائين تصور ڪندو آهيان تہ ان ٽوٽيءَ ۾ منهنجو روح آهي. جيستائين اها پاسيري ئي بينل هوندي تہ آئون بہ ڏک تڪليفون سهي جيئرو هوندس، جڏهن اها ڪري تہ مان بہ........اڄ رات جو اڄڻ بدران ڏينهن جو هن جاءِ تي آيو آهيان، اڄڻ

شرط پاڪيٽ کولي سگريٽ ڪڍي سگريٽ پيري پيئڻ لڳس. پيئڻ سان ويهن ڏينهن جي ٻاڙ لهي وئي، اهي ويهه ڏينهن ڳوٺ ۾ گذاريم. ڏهن سالن جي عرصي کان پوءِ ويو هئس. مرضيءَ سان نه پر مجبوري تحت، هڪ ڏينهن وڏو ڀاءُ ماسيءَ جي گهر آيو هو، جنهن وقت اسان منجهند جي ماني کائي رهيا هئاسين، ان ڏينهن هڙتال هئڻ ڪري مون سبزي نه لڳائي هئي. دل نه ته پئي چئي ته ساڻس ملان پر در تي اچڻ ڪري بي دليو هٿ ڏنومانس.تيار جيڪا ماني هئي، تنهن مان ماسي اچي ڏنس. ۽ ٿي گرهه مانيءَ جا کائي هٿ ڌوئي گرڙي ڪري هٿ رومال سان اگهي ڏکاري لهجي ۾ چيو هئائين، " ادا توکي ڳوٺ وٺي وڃڻ لاءِ آيو آهيان، سو نهڪر نه ڪجانءِ."

"ڪهڙو ڳوٺ، ڪنهنجو ڳوٺ، مونکي ڪجهه ۽ ياد نه آهي."

"نه نه ادا، ائين نه چئه، ابا جي طبيعت نيڪ ناهي، سو بيماريءَ جي حالت ۾ ۽ توکي سڏي ٿو پيو."

"ڪنهنجو ابا؟ منهنجو ابا ته ان ڏينهن ئي مري ويو هو، جنهن ڏينهن ٻئي شادي ڪري اچي امان کي گهران ڪڍي ڇڏيو هئائين."

"ادا ائين ته نه چئه، جيڪو ٿيو سو ٿيو، ان ڳالهه کي وساري ڇڏ."

"ان ڳالهه کي وساري ڇڏيان؟" مون جذباتي ٿيندي چيو هو، " جو امان کي پوتيءَ جي پاند ۾ طلاق جا ٽي لفظ ٻڌي ڏئي ماما جي گهر موڪليو هئائين، وساري ڇڏيان ان ڳالهه کي جو اها ماٽيلي ماءُ مونکي بيگناهه سوٽي ڪٽي ماريندي هئي، ابا کي دانهن ڏيندو هئم ته ابا گهرڙو پوندو ڏيندي چوندو هو، "سڌر بي حيا، بي گناهه تو کي ڇو ماريندي؟" ان ڳالهه کي ۽ وساري ڇڏيان. جو امان کي لالچي مامي دلال هٿان الاءِ ڪٿي کپائي ڇڏيو جو اڄ تائين خبر نه پئي آهي ته هوءَ ڪٿي آهي جيئري ۽ آهي يا نه..........منهنجو ڪو ڳوٺ ڪونهي بس هي ابو آهي ۽ هيءَ منهنجي ماءُ، انهن ڪانسواءِ منهنجو ڪو ڪونهي." مون ماسي ۽ ماسڙ ڏانهن ڏسندي چيو هو.

"هي ۽ تنهنجا آهن، پر ادا ابا ڏانهن ڏس، جيڪو بيماريءَ جي حالتن اسان سيني ڀائرن تي ڇڏي تنهنجو نالو ٿو وٺي،

"واهه....." مون طنز ڪندي چيو هو، "ڏهن سالن اندر منهنجي ياد نه آيس ۽ اڄ جڏهن مرڻ جي ويجهو پهتو آهي ته مونکي ياد ٿو ڪري، منهنجو ڳوٺ ڪو ڪونهي، مان نه هلندس."

مان پڙ ڪدي ٻيهي رهيو هئس، ماسي پرسان اچي مٿي تي پيار مان هٿ ڦيرائيندي چيو هو،"

پٽ!ائين نه چئه، ادا سان ڳوٺ وڃ، نيٺ هو تنهنجو پيءُ آهي." ماسيءَ جي اکين ۾ ڏنم جن ۾ ممتا چمڪي رهي هئي. وري ماڙ ۽ شفقت ڀري لهجي ۾ چيو هو، "پنهنجي دليان نه سهي پر لوڪ جي ميارن کان ئي سهي، تو کي وڃڻو پوندو." ماسي ۽ ماسڙ جي چوڻ تي سنبري ادا سان بس ۾ چڙهي هلندو وڃي ڳوٺ لٿس. بس مان لهڻ شرط ئي خبر پئجي وئي ته ابا مري ويو. ابا مونکي وٺڻ شهر روانو ٿيو ته پويان ابا دم ڏنو هو. گهر پهچڻ سان وڏيڪ چاڻ ملي ته ابا مرڻ وقت ۽ منهنجو ۽ امان جو نالو پئي اچاريو. دل ۾ ابا لاءِ نفرت جو آڙاهه ٻري رهيو هو پر الائي ڇو هڪدم اهو آڙاهه وسامي ويو. اکين مان لڙڪ ڪري پيا، ڪافي رنو هئم. ڪافي دانهون ڪيون هئم، اندر ئي اندر ۾.....ابا جي ڪفن دفن ڪانپوءِ ۽ ڪافي ڏينهن رهي پيو هئس. ويهن ڏينهن ڪانپوءِ وري سنبريو هئم ته ڀائرن ۽ مائٽن گهڻو روڪيو هو.

”نہ وڃ، هتي پنهنجي زمين جو حصو وٺي سادي ڪري ويهہ.“ پر بنهہ جواب ڏيندي چيو هئم، ”مون کي ڪجهہ بہ نہ کپي، منهنجو هتي ڪو ڪونهي .“ ائين ويهن ڏينهن ڪانپوءِ ماسيءَ وٽ آيس، ماسڙ سبزي ڪٽي ڪپائڻ ويو هو. ماسيءَ سان گهڙي ڪن ويهي وري وڃي رشيد جو در کڙڪايو هئم، پنج دفعا کڙڪائڻ باوجود ڪنهن بہ ورندي نہ ڏني تہ چرس جي ٻاڙ ڪري هتي آيو آهيان، آخري ڦوڪ هڻي سگريٽ جي ٽوٽي کي کوهہ ۾ اڇلائي کوهہ جي اڌ ٽٽل پڳ کي ٽيڪ ڏئي اولهہ طرف منهن ڪري اوٻاسي ڏئي اکيون بند ڪري ڇڏيم.

ڪجهہ وقفي ڪانپوءِ اکيون کوليم تہ شهر ڪان مون طرف رشيد جو ڏهن سالن جو سوٽ جنهن کي اسان جي هتي اچي ڪچهري ڪرڻ جي خبر هئي، ڊڪندو اچي رهيو آهي. مان اٿي بيٺم، چپن ۾ پٽڪيس، ”ياالله خير ڪجانءِ!“ جڏهن ويجهو آيو تہ پنل اکيون ڏسي سمجهي ويس تہ خير ناهي، وڏيڪ پرسان اچي ڊنڊڪارن ۾ پئجي ويو، ڪلهن ڪان وٺي ڊونڊاريندي پڇو مانس، خير تہ آهي؟“

”يائو يائو رشيد پاڻ کي ڪي ماريو آهي.“

”ڇا!؟“ سڄو بدن لرزي ويم، دل ڄڻ ڏائڻ جي مٺ ۾ اچي وئي هجيم.

”پر ڇو،ڇالاءِ!؟“

”الائي مونکي خبر ناهي، پر صبح پنهنجي ڪمري ۾ پاڻ کي پستول هڻي ماري ڇڏيائين.“

مشيني انداز ۾ منهنجو ڪنڌ ٽوٽين طرف ڦري ويو، ڏٺم تہ بنا ٽيڪ جي پاسيري ٽوٽي سلامت هئي پر.....پر.....ٻنهي پاسن ڪان ٽيڪ ڏنل ٽوٽي هيٺ زمين تي ڪريل هئي ۽ ٻئي سهاري طور ڏنل ڪاٺيون صحيح سلامت بيٺيون هيون.

## ڀلڇڪ

ٽن ڪلاڪن ڪان گهر ۾ اڪيلو وينو بور ٿيڻ لڳو هو.”امان پاڙي وارن کي ڏسڻ نہ پر ڄڻ رات رهڻ وئي هجي. ٽي ڪلاڪ گذري ويا، اڃان ناهي موٽي......“ چپن ۾ پٽڪي اٿي الماڙي مان ڪتاب ڪڍي پڙهڻ لڳو. ڪتاب پڙهڻ سان بہ بوريت ختم نہ ٿيس تہ پنهنجي دوست جو خيال آيس، ”بوريت ڪان بچڻ لاءِ چونہ نور ڏانهن فون ڪري ڪجهہ ڪچهري ڪيان، تيسين امان بہ اچي ويندي.“ چپن ۾ پٽڪي ٽيليفون سيٽ مٿان اچي ڪريڊل تان رسيور کڻي نمبر ڊائل ڪرڻ لڳو. غلطيءَ سان نور جو نمبر ڊائل ڪرڻ وسري ويس ۽ رانگ نمبر ڊائل ڪري آواز اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

”هيلو....“پريان منڙو ۽ ڪوئل جي ڪوڪ جهڙو سريلو آواز ٻڌي شرڪي پيو.

”هيلو...هيلو ڪير آ...؟“ پريان جي منڙي آواز تي پنهنجا هوش درست ڪري ڳالهائڻ لڳو.

”هيلو.....مونکي نور سان ڳالهائڻو آهي.،

”هتي ڪوئي نور ہورڪونهي......سوري رانگ نمبر....“

”پليز هڪ منٽ تہ ترسو....“پريان فون ڪٽڻ جو ارادو سمجهي ايلاز جي انداز ۾ چيائين.

”جي فرمايو....“دل چاهيس تہ هوءَ ڳالهائيندي رهي، هي ٻڌندو رهي. ”ڇا ڇوٽو اتوَ جلدي ٻڌايو؟“

”هان....چرڪي پيو،“ جي جي دراصل مان پنهنجي دوست ڏانهن فون ڪري رهيو هئس، اتفاق سان اوهان جو نمبر ڊائل ٿي ويو.“

”اڪثرمرد ڇاڻي واڻي رانگ نمبر ڊائل ڪري پوءِ اهوئي بهانو ڪندا آهن.“
”ڏسو مان اهڙن مان نہ آهيان.“
”ڪنهنجي نرڙ تي لکيل نہ هوندو آهي تہ هو اهڙن مان نہ آهي.“
”ڏسو پليز محترمہ رابطو نہ ڪٽجو....“
”نيٺ اوهان چوڻ ڇا ٿا چاهيو....؟“
”منهنجو عرض آهي تهمان بوريت ٿو محسوس ڪريان، ان لاءِ اوهان مونسان بہ ٿي ڳالهيون ڪيون، منهنجي بوريت دور ٿي ويندي، اوهان جي مٺڙي آواز ۾ سنگيت جا سمورا ساز سمايل آهن....“
”سوري مان واندي نہ آهيان....“پريان رابطو ٽٽو تہ ٽڏو ساهہ ڪٽي رسيور دل سان لڳايائين.
”هاءِ ڪهڙو نہ مٺڙو آواز هو....“رسيور ڪريڊل تي رکي اهو ئي نمبر نوٽ ڪري ڪتاب ڪڍي پڙهڻ لڳو.
ٻئي ڏينهن تي بہ وري ساڳيو ئي نمبر ڊائل ڪري ”هيلو“ وري بہ اهو ئي مٺڙ آواز ڪن  تي پيس.
”ها....ڪيئن آهيو اوهان....“
”تو وري....چو فون ڪئي آهي؟“
”پليز محترمہ رابطو نہ ڪٽجو.....“
”ها ها، ٻڌايو اوهان چوڻ ڇا ٿا چاهيو؟“ هن محسوس ڪيو تہ ان آواز ۾ ڪلهہ واري شوخي نہ هئي.
”ڏسو محترمہ اوهان سان بہ ٿي ڳالهيون ڪيم.....اوهان جو مٺڙو آواز ٻڌم....مان ائين ٿو ڀانيان ڄڻ اوهان کي صدين کان سڃاڻيندو هجان.“
”اوهان ڇو منهنجي پويان پيا آهيو؟“ هن محسوس ڪيو تہ هن جي آواز ۾ وري بيزاري آئي تہ هن وڌيڪ لهجي نرم ڪيو.
”مان اهو ٿو چوڻ چاهيان تہ ڪي اهڙا رشتا هوندا آهن، جيڪي ڪن پل ۾ ئي جڙي ويندا آهن، پليز مونکي غلط نہ سمجهہ جو،منهنجي اندر ۾ بہ اهڙو رشتو جڙي ويو آهي، مان اوهان سان پيار ڪرڻ لڳو آهيان.“
”پرائي نياڻيءَ سان ائين ڳالهائيندي، اوهان کي شرم نہ ٿو اچي.“ پريان رابطو ٽٽو تہ هي ٽڏو ساهہ ڪٽي صوفي تي آهلجي پيو. ڪجهہ ڏينهن تائين هن رابطو نہ ڪيو، هن جي اندر ۾ ان اڻ وقف سان پيار ۾ اجا وڌيڪ شدت آئي.ڪجهہ ڏينهن وڌيڪ ترسي وري اهوئي  نمبر ڊائل ڪري موٽ جو انتظار ڪرڻ لڳو.
”هيلو.....“وري بہ اهو ئي سندر آواز....
”ڏسو محترمہ، منهنجو اوهان سان پهرين ڏينهن ئي پيار ٿي ويو هو، هاڻي مان اوهان کانسواءِ رهي نہ ٿو سگهان...پليز منهنجي دل جي ڳالهہ کي پنهنجي دل جي ڪن سان ٻڌو.....هيلو اوهان ٻڌو ٿا يا نہ...“
”ها ٻڌان ٿي...“هن محسوس ڪيو تہ اڳ واري شوخي بجاءِ آواز ۾ نرمي هئي.

”پليز محترمہ، مان اوهان سان سچو پيار ڪرڻ لڳو آهيان، پليز منهنجي پيار کي سمجهو، مان بنا ڏسڻ جي صرف اوهان جو آواز ٻڌي اوهان سان پيار ڪيو، پليز ايترا سنگدل نہ ٿي....پليز مونکي غلط هر گز نہ سمجهو.“
”نيڪ آهي....سپاٽي ٽين وڳي مان اوهان سان المنظر تي ملڻ تي چاهيان...مان برائون وڳي ۾ هونديس.....“رابطو ٽٽو تہ هو حيران ٿي ويو تہ ايتري جلديءَ ۾ ڳالهہ ملڻ تائين پهچي وئي، خوشيءَ مان جهومڻ لڳو ۽ سپاٽي جو شدت سان انتظار ڪرڻ لڳو، تيار ٿي ٽين وڳي کان ئي وڃي المنظر تي خالي ميز ڏسي ويهي رهيو. سندس هڪ هڪ منٽ صديءَ جيان گذرڻ لڳو هو. ٺيٺ چئين وڳي برائون ڊريس ۾ هڪ اپسرا ظاهر ٿي، ڪيس ڏسي هن جا هوس خطا ٿي ويا، هوءَ چوڦيرنظرون ڊورائڻ لڳي. هن پاڻ کي سنڀالي هٿ مٿي ڪيو. هن جومٽي ڪچل هٿ ڏسي هوءَ هن طرف آئي. پرسان اچي ڪرسي سوري ويهي رهي.
”دير اچڻ لاءِ سوري...“ائين چئي نظرون هيٺ ڪري ڇڏيائين.
”نہ نہ، اوهان نيڪ ٽائيم تي آيا آهيو....“ائين چئي هن جي چهري کي تڪڻ لڳو. خاموشيءَ جي ڊگهي لهر ڇائنجي وئي، وري بہ هن خاموشي ٽوڙيندي ڳالهايو، ”مونکان ناراض آهيو ڇا؟“
”نہ نہ، بلڪل بہ نہ....“پهريون پيرو هوءَ نظرون کڻي هن جي اکين ۾ ڏسي ٿي.....وري بہ اکيون هيٺ ڪري ڇڏي ٿي....وري ”وري اوهان پنهنجو نالو نہ ٻڌايو....؟“
”منهنجو نالو امجد آهي، يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ پڙهندڙ آهيان، گهر ۾ پنهنجي ماءُ سان رهندو آهيان. مان ستن مهينن جو هئس تہ بابا امان کي طلاق ڏئي  وڃي ٻئي شادي ڪئي هئي.بابا جي ڏنل ملڪيت جي ورثي مان ڪجهہ جايون آهن، جيڪي ڪرائي تي ڏنل آهن. انهن جي پئسن مان منهنجي پڙهائي ۽ گهر جو خرچ هلي ٿو.“ هن نالي ٻڌائڻ سان گڏ مڪمل تعارف بہ ڪرائي ڇڏيو.
”منهنجو نالو شمع آهي، انٽر ڪرڻ کانپوءِ نہ پڙهي سگهي آهيان، بابا پرائيوٽ اسڪول ۾ هيڊ ماستر آهي.“ هوءَ تعارف ڪرائي وري خاموش ٿي وئي.
”شمع ائين خاموش نہ رهہ.....ڪجهہ تہ ڳالهاءِ....“ هن ايلاز انداز ۾ چيو، هوءَ نظرون کڻي هن جي نيڻن ۾ ڏسڻ لڳي.
”مان پهريو پيرو اوهان جوآواز ٻڌي اوهان سان پيار ڪرڻ لڳي هئس، اڄ اوهان جي نيڻن ۾ پنهنجي لاءِ سچي محبت جي جهلڪ پسي اڃان بہ پيار ۾ وشواش اچي ويو آهي.“
”شمع اوهان جي آواز ۾ ايڏو مناس پريل آهي، جو دل ٿي چئي تہ اوهان ڳالهائيندا رهو ۽ مان ٻڌندو رهان. اتفاق تہ ڏسو، مان فون پنهنجي دوست ڏانهن ڪرڻ چاهيو هو ۽ نمبر اوهان جو ڊائل ٿي ويو هو...“
”پاڻ ٻنهي کي ملڻو جو هو....“
”تو پوءِ مونکي بي شرم چو چيو هيو؟“ هن شڪايتي انداز ۾ چيو.
هُن چپن تي دلڪش مسڪراهٽ پکيڙيندي چيو، ”بس اوهان کي آزمائڻو هو.“
”پوءِ آزمائي ورتيءِ؟“
”ها ها، بلڪل، منهنجي اوهان لاءِ سچي محبت آهي.“

”مهرباني مس شمع صاحبہ....“ ٻئي مسڪرائڻ لڳا. ڪافي وقت تائين ڪچهري ڪريهڪ ٻئي کان موڪلائي پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن آيا.

ائين ڏينهن گذرندا رهيا، هنن جون ملاقاتون ٿينديون رهيون ۽ پيار وڌندو رهيو. هڪ ڏينهن هو شمع جو نمبر ڊائل ڪري آواز اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو، ڪجهه وقت ڪانپوءِ ”هيلو“ جو سندر آواز هن جي ڪن تي پيو.

”مس شمع، مان اوهان کي اڄ هڪ خوشخبري ٻڌائڻ ٿو چاهيان.“

”ڪهڙي خوشخبري؟“

”اها خوشبري تہ مون تنهنجي باري ۾ امان کي سڀ ڪجهه ٻڌايو آهي، امان راضي آهي. ۽ اوهان ڏانهن اچي بہ رهي آهي......“

”پنهنجي رشتي جي ڳالهه ڪرڻ.....“

”پر.....ايتري جلدي ڇو.....؟“

”ڇو....ڇو توکي اعتراض آهي ڇا؟ پاڻ في الحال مڱڻي ڪري ڇڏينداسين، پوءِ ڪٿي شادي دير سان ڪنداسين، هاڻي تہ خوش آهين نہ.....“

”پر پر....“شمع منجهندي چيو.

”پر تون ٻڌاءِ تہ تنهنجا والدين راضي ٿيندا.....؟“

”ها، مون انهن سانتنهنجي ڳالهہ ڪئي آهي، هو راضي آهن، نيڪ آ امجد، مان فون رکان ٿي.“

”نيڪ آ.....“ پريان رابطو ٽٽو تہ هو پنهنجي ماءُ جي واپسي جو انتظار ڪرڻ لڳو. انتظار جا پل نيٺ پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتا، ماءُ کي گهر ۾ داخل ٿيندي ڏسي ڊوڙندو ماءُ وٽ آيو پر ماءُ جو چهرو ڏسي پريشان ٿي ويو.

”امان ڇا ڳالهہ آهي....؟ شمع جي والدين ڇا چيو؟“ سندس ماءُ خاموش رهي.

”امان ٻڌاءِ، انهن ڇا چيو؟ ٻڌاءِ تہ امان ڪجهه تہ ٻڌاءِ...مان صبر نہ ٿو ڪري سگهان.“ سندس ماءُ زوردار ٿڦڙ وهائي ڪڍيس.

”ڇا ٿو ٻڌڻ چاهين؟ جنهن ڇوڪريءَ سان تو پيار ڪيو...اها ڪير آهي؟ جنهن جي رشتي لاءِ مونکي موڪليو هيئي، اها ڪير آهي؟“سندس ماءُ خاموش ٿي وئي.

هو حيران ۽ پريشان ٿي سواليہ اکين سان سندس ماءُ ڏانهن نهاريندو هيو.

سندس ماءُ هن جي اکين ۾ نهاريندي چيو،”اها تنهنجي پيءُ جي ڌيءُ آهي، اها تنهنجي ماٽيلي ڀيڻ آهي، ها ها، منهنجي ئي مڙس جي ڌيءُ آهي.مونکي طلاق ڏيڻ ڪانپوءِ وجي ٻئي شادي ڪئي هئائين. شمع ان عورت مان ڄائي آهي....تنهنجي ماٽيلي ڀيڻ....“

سندس ماءُ روئيندي ڪمري مان هلي وئي. هو ٻئي چنبا منهن ۾ هٽي ڏاڍيان روئڻ لڳ.

## ڏاج

ڇري تہ ناهين ٿي....هٿ ۾ اهي پنج ڇهہ هزار آهن، باقي مان وجي ڪنهنجي آڏو هٿ ٽنگيان؟ اڄ تائين رب پاڪ جي مهرباني سان ڪنهنجي آڏو هٿ ناهي ٽنگيو، اڳتي بہ الله پاڪ کي پارت آهي،پرائي محتاجي کان بچائيندو

”مومل جي ماءُ، لسيءَ جو جهارو ناهي پيار، اڄ ڏاڍي لڳي آهي.“ موسيٰ گهر ۾ داخل ٿي ڏاندن لي کلن سان ڀڏندي زال کي چيو.
”ها ها، اڄهو ناهي آيس.“ سياڻيءَ ڪمري مان ئي آواز ڏنو، موسيٰ ڏاندن کي کلن سان ٻڌي، پلال جي مٺ ڪٽي ڏاندن اڳيان وجهي اچي آڳر اڳيان نم جي وڻ هينان پيل کٽ تي وينو، سياڻيءَ جلدي ۾ لسي جي جهاري جو وٽو پري ڪٽي آئي.
” آءُ وٺ مومل پيءُ،“ موسيٰ لسيءَ جووٽو وٺي پيئڻ لڳو، سياڻيءَ کٽ جي پيرانديءَڪان ويهي رهي، موسيٰ ٽن ساهن ۾ لسي جو وٽو پي ويو، سياڻيءَ وٽو وٺي کٽ هينان رکيو.
”مومل ماءُ مومل ڪاڏي وئي آهي؟“ موسيٰ چوڦير نظرون ڊوڙائيندو پڇيو.
” مومل ادي شهناز جي گهر وئي آهي سهرا ڳائڻ، هن مهيني شهناز جي پٽ جي شادي آهي، سو صبح شهناز سهرن جو سڏ ڏئي وئي هئي پاڻ بجاءِ مومل کي موڪلي ڇڏيم.،
”هر پرو نياڻي ٻار کي چڙواڳ نه ڏيندي ڪر.“ موسيٰ کٽ تي آهلي پيو.
”اڙي ڪاٿي ٿا ويچاريءَ کي چڙواڳي ڏيون، اڄ قسمت سان ادي شهناز جي گهر وئي آهي. نه ته سڄو ڏينهن گهر ۾ ويني پئي پرٿ پريندي آهي.“
”مومل ماءُ توکي خبر هوندي، ادا وريام وارا ڪڏهن ٿا مومل کي ويهارڻ اچن.“
”ها...ادي زينب ڪالهه آئي هئي، چوي پئي ته منهنجو پٽ شادي ڪرڻ لاءِ تکڙ ٿو ڪري، ان لاءِ اسان مٿين مهيني جي پهرين تاريخن ۾ اچي مومل ويهاري ويندااسين پر مان جواب ڏنومانس ته اڃان ٻه ٽي مهينا صبر ڪريو، اسان مومل جي ڏاج جو ڪو بلو ڪيون، جڏهن ڏاج جو بلو ڪيوسين ته پوءِ توهان کي ڪهرائي(اطلاع)ڪنداسين.“
”ائين چو چيئي ادي زينب کي؟مومل هاڻي انهن جي آهي، جڏهن دل ڪڍن اچي ويهاري وڃن، باقي ڳالهه رهي ڏاج جي ته پنج ڇهه هزار هڙ ۾ آهن، پوءِ جيڪو به غريباڻي حال تي پنجن ڇهن هزارن ۾ مليو ڏاج ۾ ڏينداسين.“
”اڙي مومل پيءُ...هڪ ئي ته اولاد آهي، ٻيو اولاد ته خدا نه ڏنو آهي، ان کي ٻه پنج ڇهن هزارن جو ڏاج ڏيون! نه نه مان ائين نه ڪنديس، اڄڪلهه مهانگائي چوٽ چڙهي وئي آهي، پنجن ڇهن هزارن ۾ ڇا ملندو؟ هرويرو ائين نه ڪر.....ڪاٿئون به بلو ڪري پنهنجي نياڻيءَ کي سنو ڏاج ڏي.“
”ڇري ته ناهين تي......هڙ ۾ اهي پنج ڇهه هزار آهن، باقي مان وڃي ڪنهنجي آڏو هٿ ٽنگيان؟ اڄ تائين رب پاڪ جي مهرباني سان ڪنهنجي آڏو هٿ ناهي ٽنگيو، اڳتي به الله پاڪ کي پارت آهي،پرائي محتاجي ڪان بچائيندو، باقي پنجن ڇهن هزارن ۾ پنج ڇهه جوڙا ڪپڙن جا، سونا والا،ٿالهي وٽو، ديڳڙي چمچو، منجي ۽ ٻيو سنهو ٿلهو سامان وٺي مومل کي ڏاج ۾ ڏينداسين.“
”مومل پيءُ هريرو پنهنجي ڳالهه تي ڳنڍ ٻڌي نه ويهه....تنهنجي ان ڏاج ڏيڻ سان ڳوٺ وارا ڇترين ڪندا، سڀ ڪلندا پاڻ تي ماٺهو نه ڪلاءِ، ڪجهه سوچ ڪان ڪم وٺ، ڏس مومل جائي هئي ته ڪيترو خوش ٿيا هئاسين.
منايون ورهايون هيون سين،سهرا ڇيا هئا سين، واٺ الله جي خيراتون ڪيون هيون سين، هاڻي پنهنجي ٻچڙيءَ کي ٻن ٽن ڪپڙن جي جوڙن ۾ سهريجن ڏي امٽيون، سياڻي سس اٿي طعنه ڏيندس ته:تون پنهنجي پيءُ جي اڪيلي نياڻي هئينءَ، بس توکي اهو ڏاج ڏنائون، پيناٺون فقير به گهڻو ڏاج ڏيندا آهن. مومل ويچاريءَ جي دل تي ڇا گذرندي؟“

”بس مومل ماءُ!  هرويرو مونکي توائي نه ڏي،اسان جي حال جي توکي خبر آهي، هر پيرو گهڻو ڏاج ڏئي فضول خرچ نه کندس.“

”اڙي منيس،نياڻيءَ جي ڏاج کي فضول خرچ ٿو ڪوٺين، اي الله منهنجي توبهه.... هو ڏس علڻ ڳوٺ ۾ سيني کان غريب آهي، ته به ٽيهه هزار قرض ڪٽي پنهنجي نياڻيءَ کي سنو ڏاج ڏنائين، اسان ته ان جي آڏو امير آهيون، ماڻهو قرض ڪٽي، مال متاع ڪپائي، زمينون ڳهه گروي رکي ته به نياڻين کي سنو ڏاج ڏيندا آهن. توکي خبر آهي نه ڳوٺ ۾ آهين نه، ڏس پر سال نجمه سان رلجي سندس مائٽن جي شاديءَ تي شهر وئي هيس، انهن جو ڏاج ڏسي تنهنجو وات پٽجي ويو هو، سوءِ جوڙا ڪپڙن جا، ڏهه سوڙيون، ويهه ٽڪ تي رليون،ٽي ڪٽون، ٿانون جا سيٽ، ڪپڙن ڌوئڻ واري مشين، فرج، سلائي واري مشين، ٽي وي، ٻه پنکا، سون کان ته پنهنجي نياڻيءَ کي ڳاڙهو ڪري چڏيو هئائون ۽ سنهين ٿليهن شين کي ته ڳڻ ئي نه.....“

”مومل ماءُ چو ٿي مونکي ڪاوڙ ڏيارين!ڪنهن ڏي مان هٿ ڪٽي وڃان ته مونکي اڌارا پئسا ڏيو ته مان پنهنجي نياڻيءَ جو ڏاج وٺان، اڄڪلهه چڪن پلن ماڻهون کي ڪير ٻه اوڌر نه ٿو ڏئي، مون غريب کي وري ڪير اڌارا پئسا ڪيئي ڏيندو، باقي انهن جي ڳالهه ڪرين ٿي ته اهي عقل جا انڌا آهن، جو ڏاج کي اهم رواج سمجهي پنهنجي گهرن کي هڪ ٽوٽي تي تا بيهارين. مان انهن مان نه آهيان، جيڪو مونکان پڳو، مومل کي ڏاج ۾ ڏيندس، پوءِ پلي مونتي سڄو ڳوٺ کلي.“

”اڙي مومل پيءُ...خدا کي مڃ، ڏس مان وتي پيرن تي ٽي رکانءِ، هرويرو اسان ويل نه آهيون، الله جو ڏنل هر گنج آهي، پنهنجي نياڻيءَ کي سنو ڏاج ڏينداسين ته نياڻيءَ جي دل خوش ٿيندي ته مونکي ابي ۽ امان ڏاج ۾ گنج ڏنو آهي، هوءَ هر وقت پئي دعائون ڪندي، ٻيلي الله ڏي ڏس، تپي باهه نه ٿي، ڪجهه ڳالهه کي سوچ ٻه ڪٽي.“

”مومل ماءُ تون پلا ٻڌاءِ ڪنهن ڏي هٿ ڪٽي وڃان....ڪجهه ٿڙو ٿيو.“

”مومل پيءُ! تو کي الله هٿ ٽنگڻ کان پناهه ڏيندو، پنهنجي مال هوندي سوندي چو هٿ ٽنگيندين؟“

”چا مطلب!!؟ مان ڏاند ڪپايان!؟“ موسيٰ اٿي ويهي رهيو.

”مومل پيءُ هريرو ڪاوڙ نه ڪر، هڪڙو ڏاند ڪپائينداسين ته پئسا گنج ٿي پوندا، وري فصل ڪٽي ٻيو ڏاند وٺنداسين.“

”نه نه مان ڏاند ڪونه ڪپائيندس....ڏاند مونکي ڏاڍا پيارا آهن، ڏاندن بنا مان ٻني جو ڪم ڪيئن ڪندس، اويل سويل ۾ ڪنهنجي در تي ڏاند لاءِ ويندس.“

”اڙي مومل پيءُ، ڏس مان وري پوتي پيرن تي ٽي رکانءِ، الله ڏي ڏس،هڪڙو ته ڏاند هوندو ڪم ڪار جي لاءِ، ٻيو ڏاند ڪنهن ڳوٺ واري کان وٺجانءِ، هونئن توکان ٻه ته ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ وارا ڏاند وٺڻ ايندا هئا، هڪ ڏاند جي پئسن ۾ مومل کي سنو ڏاج ملندو، فصل جي وچ ۾ ٽي چار مهينا آهن، فصل ڪٽي پوءِ ٻيو ڏاند وٺنداسين، ٻيلي سوچ،“

موسيٰ ڳپل تائين چپ رهي چيائين، ”واقعي سياڻن سچ چيو آهي ته گهر کي ناهي ٻه عورت ۽ برباد ٻه عورت ڪري، نيڪ آهي، تون ڏاند کي پاڻي پيئار ته مان وڃي پوتار امدا جو ٽريڪٽر کهرائي ٿو اچان.“

”اڙي مومل پيءُ،الله توکي خوش ڪندو نياڻي سدائين دعائون ڪندئي.“

”نيڪ آ، مان هاڻي وڃان ٿو، پوتار امداد ڏي، تون ڳاڙهي ڏاند کي پاڻي پيئارجانءِ.“ اهو چئي موسيٰ گهر جو درارانگي هليو ويو.

سياڻيءَ خوشيءَ مان جلدي ڳاڙهو ڏاندڪلي ڪان ڇوڙي نلڪي تي آڻي نلڪي هينان تغاري رکي نلڪو گيرڻ لڳي.

ڏاند پاڻي پي ڍوءُ ڪيو ته وري سياڻي ڏاند کي ڪلي سان ٻڌي ڇڏيو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ موسيٰ واپس آيو، ڪمري ۾ اچي ڪپڙا بدلائي سياڻيءَ کي چوڻ لڳو، ”مومل ماءُ، ٽريڪٽر تيار بيٺو آهي، هاڻي ٻڌاءِ ته ڏاج ۾ ڇا آڻيان؟“

”صدقي وڃان مومل پيءُ، تون وڃي ڏاند ڪپائي پئسا آڻ، ڏاج وٺڻ لاءِ پوءِ مان ۽ ماسي ڄامل وينديون سين، تون مڙس ماڻهو آهين، تو کي ڏاج وٺڻ نه ايندو.“

”ها ها، مون هي اچي ڏاڙهي طبلا وڄائيندي ڪئي آهي، سو مون کي ڏاج وٺڻ ڪونه ايندو؟“ موسيٰ ڪاوڙ ۾ چيو. ڳاڙهو ڏاند ڪلي مان ڇوري گهر جو در ٽپي هلندو ٽريڪٽر جي متانهين ڪان بينل هو، موسيٰ ڏاند کي ڦيرائي متانهين تي آڻي آهستي آهستي ٽراليءَ تي چاڙهيو، ڏاند چڙهندي ئي ٽريڪٽر شهر روانو ٿيو آهستي آهستي ڏينهن گذرندو ويو، نيٺ سڄو ڏينهن گذري ويو، اچي سانجهي ٿي، سياڻي پريشانيءَ کان گهر ۾هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳي. هر هر دل ۾ وسوسا ويا اچنس ڦُرن جون وارداتون جام آهن، متان منهنجي مڙس کي....توبهه توبهه...الله خير ڪندو، چپن ۾ پٽڪندي، پري کان ٽريڪٽر جو آواز ڪن تي پيس ته در کان اچي بيٺي مومل به پريشانيءَ کان آڳر تي ڦرندي رهي، نيٺ ٽريڪٽر هلندو اچي موسيٰ جي در جي آڏو بيٺو. سياڻيءَ جڏهن ٽريڪٽر سواءِ ڪنهن کي به نه ڏٺو ته تڪڙي در ٽپي ٽريڪٽر پرسان آئي.

”ابا موسيٰ ڪاٿي آهي؟“ ڊرائيور لهي اچي سامهون بيٺو، سياڻيءَ جي دل ۾ ويتر وسوسن جاءِ ولاري،”ابا ٻڌاءِ موسيٰ ڪٿي آهي؟“ امان ٽريڪٽر خراب ٿي پيو هو، ان ڪري شهر ڪان دير سان نڪتاسين، واٽ تي ڪجهه ڏاڙيلن ٽريڪٽر جو اڳ جهليو، مان ٽريڪٽر بيهاريو ته ڪلاشن سان ٿي همراهه هليا آيا، هڪڙي اچي مونکا پئسا ڦريا، ٻه ڄڻا موسيٰ ڪان ڏاند جا پئسا ڦرڻ لڳا. موسيٰ مزاحمت ڪئي ته انهن بي رحمن موسيٰ کي.......!“ ڊرائيور جون اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيون.

سياڻيءَ جا حواس خطا ٿي ويا، بيهوشين جيان ڦري اچي ٽرالي ڏنائين ته رڙيون ڪري ويس، ٽرالي تي چڙهي موسيٰ جو رت ۾ ٻڏل لاش کي چنبڙي وئي، مومل به ڊوڙندي آئي، پيءُ جي لاش کي رت پت ڏسي بيهوش ٿي ڪري پئي، سياڻي اپ ڏاريندڙ رڙيون ڪرڻ لڳي، مونکي کهڙي نانگ ڪاڏو جو توکي ڏاج لاءِ ڏاند ڪپائڻ لاءِ موڪليو هئم. مومل کي ڏاج ڪان بس هئي، نه توکي ڏاج لاءِ تنگ ڪيان ها نه ئي هي ڏينهن ڏسڻو پوي ها.....“ سياڻي اپ ڏاريندي رڙيون ڪندي رهي، سڄي ڳوٺ جا ماڻهو گڏ ٿي ويا. موسيٰ جو به ساهو جسم ڄڻ سياڻيءَ کي چئي رهيو هو،”هاڻي منهنجو لاش به مومل کي ڏاج ۾ ڏجانءِ.....“

## هتي پيشاب ڪرڻ منع آهي!

’هتي پيشاب ڪرڻ منع آهي.‘

هُن رات جو ڪاري رنگ سان پنهنجي دڪان جي سامهون واري ديوار تي وڏن اکرن ۾لکي ڇڏيو.ان لکڻ کان پوءِ هو ذهني طور مطمئن ٿي ويو ته هاڻ ماڻهو پت تي لکيل جملو پڙهي هتي پيشاب نه ڪندا. جيڪو اڻ پڙهيل هوندو ته ديوار تي لکيل اکرڏسي پاڻ ئي سمجهي ويندو ته اها پت تي لکت پيشاب نه ڪرڻ بابت آهي.

پر ٻئي صبح دڪان کوليندي ئي هن ڏٺو تہ سندس لکيل لفظن جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو هو. هڪ ڪان پوءِ ٻيو ماڻهو ساڳي رنگ ڍنگ ۾ لاپرواهي سان پيشاب ڪرڻ اچي ويهي ٿي رهيو.

هن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي اهڙن ماڻهن تي جيڪي تڪڙا تڪڙا اچي قميص جو اڳ مٿي ڪري، چوڙيل اڳٽ ڇڏنِ ۾ ڦاسائي، اوڪڙو ويهي هن جي دڪان ڏي پٺڙ ڪري پيشاب ڪندا هيا. هُو پيشاب ڪرڻ جو سُوسٽ پنهنجي دڪان تي ويٺي صاف ٻڌندو هيو. گهٽي ٻچان تڏهن لڳندي هيس، جڏهن تڪڙ ۾ ماڻهو بي احتياطو اُٿي، هن ڏانهن اڳ ڪري ڪيس ڏسندي اڳٽ ٻڌڻ ٻيهندا هيا. چڙ ۾ ڪروڌ مان هي بہ ڪين طنز سان هيئان ڏسي جيسين مٿي نهاريندو هيو تہ همراهہ بہ رفو چڪر ٿي ويندا هيا.

'نہ دين جي پاڪائي رهي آهي نہ دنيا جو اخلاق ...' پنهنجي منهن پِٽڪندو هو. 'ماڻهوءَ جا نرا ايترا ڪمزور آهن تہ ايترو پاڻي پيئڻ ئي چو ٿا! جو گهر ڪان نڪرن ٿا تہ اڳٽ ۾ هٿ اٿن ...! پٺسان ...! مجبوري بہ مجبوري، پر ماڻهوءَ کي ڪجهہ تہ اخلاق رکڻ گهرجي .... ڪنڊ پاسي ڪان وڃي ويٺو تہ خير آهي، بشر آڏو خچر ڪيدي ويٺا آهن ...!'

لکٽ ڪان پوءِ بہ ٿي ڏينهن ٿيندا جو هڪڙي همراهہ کي فل سوٽ ۾ ٻينل پيشاب ڪندي ڏٺائين. ڏسڻ واسڻ مان لڳس تہ ڪو نئون آفيسر بابو آهي. همراهہ زپ مٿي ڪري پويان رومال ڪيدي هٿ اگهيا تہ هي بہ وڃي سامهون چڙهيس.

'ڏسو نٿا چا! سامهون پيشاب ڪرڻ جي منع لکيل آهي ...' هن ديوار طرف اشارو ڪندي چيو. 'پوءِ بہ توهان جهڙا ماڻهو ٻيٺا مُتن تہ ....؟'

همراهہ ساٿس هٿ ملائڻ لاءِ هٿ وڌائيندي،'چاچا ..' چيو تہ هُن مُت هاڻي هٿ ڏانهن ٻچان مان ڏسندي چيو،' هٿ ڌوتا اٿئہ جو پاڻ وڏي سان هٿ پيو ملائين ...!؟'همراهہ هڪو ٻڪو ٿيندي، لوٽا هٽندي چيو،'چاچا! ڪاوڙ نہ ڪر، هتي آس پاس ڪا ٻي مناسب جاءِ نہ لڌي، نہ تہ مان ائين نہ ويهان ها ....' هُن سمجهيو تہ همراهہ ڪجهہ پشيمان آهي پوءِ بہ اندر جي پڙواس ڪيڻ جو موقعو هٿان وڃائڻ نہ چاهيائين.

'ٻيا تہ جهنگ جا اُٺَ .... جتي آيُن اتي مُتي وڃن ... توهان تہ پڙهيل لکيل آهيو، توهان کي بہ خيال ڪونهي ڪو...!'

'چاچا! مون عرض ڪيو تہ ٻي جاءِ ....'

'پاسي واري مسجد ۾ جو ليٽرين نهيل آهي...' هُن گهٽيءَ پريان نظر ايندڙ مسجد ڏانهن اشارو ڪيو.

'ان کي تہ تالو لڳل هو.....'

'پوءِ چئو ها نہ ڪنهن کي .... ائين مسجد جي ليٽرين کي تالو هٽي ٿو وڃي ... مُلان جي ڪا پنهنجي ملڪيت آهي چا ...!؟'

فل سوٽ شخص هُن کي ڪاوڙ مان ڳالهائيندي ڏسندي، ويندي ويندي ڏاڍي ڌيرج سان چيس،'چاچا! مسافر ماڻهو شهر ۾ اچي ڪيترو پريشان ٿا ٿين، توهان جو پاسو بہ ڪنداڻتو آهي، ٿوري جاءِ بہ خالي اٿوَ ... ثواب ٿيندوَ ..... هتي ليٽرين نهرائي ڇڏيو.'

همراهہ تہ وڃڻ لاءِ مُڙي چڪو، پر هُن تي ويتر ڪاوڙ چاڙهي ويو.

'ليٽرين نهرايو ... هليو آ خان صاحب صلاحون ڏيڻ ... ليٽرين نهرايو ... صاف ڪرڻ لاءِ وري پنهنجي پيءُ کي موڪليندو ...!'

ڪاوڙ وچان ڦوڪات ڏيندو، دڪان تي چڙهي سلائي مشين اڳيان ويهي رهيل جوڙي کي پورو ڪرڻ لڳو.

ہ ڏينهن بعد بہ جڏهن اهڙي نوجوان کي پيشاب ڪري ويندو ڏٺائين تہ دڪان ڪان هيٺ لهي اچي ٻانهن ڪان وٺي روڪيندي چيائين،'ٻائو! هي پيشاب ڪرڻ جي جاءِ ناهي، ٻيهر هتي اچي پيشاب نہ ڪجانءِ.'

نوجوان چڙ مان چيو هيس،'چو ڪاڪا! تو کي ڪهڙي تڪليف ٿي!؟'

ويتر ٻاهہ ٿي ويو. پر پنهنجو پاڻ کي ضابطي ۾ آڻيندي چيائين،'ڏسين نٿو چا، سامهون منهنجو دڪان آهي.' وري پٽ طرف اشارو ڪندي چيائين،'۽ جڏهن تہ پٽ تي بہ لکيل آهي تہ....'

نوجوان سندس جملو ڪٽيندي چيو،'واهہ ڪاڪا ..... تو بہ واهہ جي جاءِ تي دڪان کوليو آهي. هڪ گهٽي سوڙهي، وري گندگي .... ان ڪري تہ لائين جا ٻيا دڪان بند آهن ... صرف تون ...'جملو ڪٽيندي ورندي ڏنائينس، 'ٻيا دڪان نہ کُلن تہ چا مان پنهنجو دڪان بند ڪيان ...!؟'نوجوان هٿ ڇڏائيندي ويندي چيو،'مسواڙ شايد گهٽ آهي دڪان جي، نہ تہ گندگي ۾ ڪير اچي کولي ها ... اُڙيو تڙيو ڪو گراهڪ ايندءِ نہ تہ ...'

نوجوان هليو ويو ۽ هُو وَٽان ڪائيندو رهجي ويو.

پنهنجي غربباڻي حال ڪري هُن اهو ئي دڪان کوليو هو. بنسبت ٻين دڪانن جي هن جي مسواڙ ڪجهه گهٽ هئي. ٻيو نه ته اڪثر پاڙي وارا هن وٽ ڪپڙا ڪٽي ايندا هيا. گهڻا ڪپڙا ڪو نه ايندا هيس جوٻيو ڪو ڪم وارو بيهاري. البته سيزن ۾ هڪ ٻه ڪم وارو بيهاريندو هيو. پر جڏهن کان گهٽيءَ جي منڍ ۾ هوٽل کُليو تڏهن کان چانهه پيئڻ سان همراهن کي پيشاب ورائيندو هيو ته ڏو هُن جي دڪان اڳيان اوڪڙو ويهي پيشاب ڪري هليا ويندا هيا. اونهاري جي بنسبت سياري ۾ ڇهن ستن ڄڻن جي لائين لڳي ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪو ٻار يا پوڙهو هنگي ٻه ويندو هيو. هُو وَٺان ڪائيندو رهجي ويندو هو.

جڏهن ديوار تي منع واري لکت باوجود ٻه ماڻهو نه مُڙيا ..... ته هُن هڪ رات ڪارو ڊامر هٿن تي هٽي پٽ تي ٻه تي پوندڙا ناهي ڇڏيا. ان اميد سان ته ماڻهو هاٽي پوندڙا ڏسي شرم کان پاٽي پاٽي ٿيندا ۽ پيشاب ڪرڻ نه ايندا.

پر ائين نه ٿيو.

پهريان ماڻهو پيشاب ڪندڌ جهڪائي ڪندا ها، پر هاڻ هيٺ ڏسڻ بدران چاپيل پوندڙن کي ڏسي ۽ اُتي هُن ڏانهن ٿوڪ مان مرڪي نهارين ٿا.

ماڻهو ته پيشاب ڪري هليا ويندا ها، پر هُو پاڻ هاٽي جڏهن ٻه ڪندڌ مٿي ڪري سامهون ڏسندو هيو ته پنهنجا ئي چاپيل پوندڙا پنهنجي منهن ۾ لڳندا هيس. عجيب بي سڪوني محسوس ڪرڻ لڳو. پوندڙا ٽنگڻ کان پوءِ لڳندو هيس ته پاڻ ڏاڍو ڪريل ۽ بيڪار قسم جو ماڻهو آهي، جنهن جي ڪا عزت نفس ناهي، جيڪو پنهنجو پاڻ کي ئي وٺو پوندڙا ڏيئي!

خيال متاثڻ لاءِ مشينري انداز ۾ ڪندڌ هيٺ ڪري مشين آڏو ويهندو هيو. پوءِ ٻه بي چيني ورائي ويندي هيس. ڪروڌ ۽ چڙ سبب صحيح ڪم ٻه ڪري نه سگهندو هيو. ڪافي پيرا ڊريسون وڃايون ٻه هيائين. ائين محسوس ڪندو هيو ته ڪا شئي اندر ۾ کيس ذليل ڪري رهي آهي. گهر اچي ٻه مزو نه ايندو هيس. ٿوري گهٽي تي زال ۽ ٻارن سان وڙهي پوندو هيو. دڪان تي ٻه ڪافي پيرا گراهڪن سان ٿوري گهٽي ڳالهه تي تيز ٿي ڳالهائيندو هيو.

هاڻ هُن پيشاب ڪندڙن ڏانهن ڏسڻ ڇڏي ڏيڻ شروع ڪيو هو. پر جي نظر ڪجي ٻه ويندي هيس ته پنهنجا ئي پوندڙا پنهنجي منهن ۾ لڳندي ڏسي پاڻ کي پاڻ ئي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هيو. 'مون پوندڙا ته ٻين لئه ناهيا، پر سياڻن سچ چيو آهي ته 'اُهي ئي آڱريون پنهنجي ٻه منهن ۾ لڳنديون آهن.'

ڪافي پيرا پوندڙا ميسارڻ چاهيائين، پر الائي ڇو هر ڀيري عمل ڪرڻ ڪو نه ٿي پڳس. رهيل سهيل سڪون ٻه برباد ٿي ويس. سوچي سوچي پاڻ کي ذهني مريض بڻائي ڇڏيائين.

اُن ڏينهن دڪان کولي ٻهاري ڪيڏي چنڊ ڦوڪ ڪري مشين آڏو مسين وٺو ته هُن پنهنجن نرن تي بار محسوس ڪيو. ياد پيس ته گهران تڪڙ ۾ نڪرندي هن ٻه گلاس پاٽي جا پيتا ها. دڪان بند ڪري گهر تائين پنڌ ڏکيو لڳس، مسجد ڏانهن وڃي پيشاب ڪرڻ جو خيال ٻه تڙي ڇڏيائين، جو پڪ هيس ته مُلان ليٽرين کي تالو هٽي هليو ويو هوندو.

اڄام اڌ جوڙو ٻه نه ڪٽيو هيائين ته بار وڌندو محسوس ٿيس.عجيب بي چيني وچان ازخود ڪندڌ مٿي ڪٽي سامهون پٽ ڏانهن ڏٺائين. چنبڙيل پوندڙن استقبال ڪيس. وري جهٽڪي سان ڪندڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين. ٻن ٽن منٽن کان پوءِ ٻيهر ڪندڌ مٿي ٿي ويس. ڪجهه لمحا پوندڙن کي ڏسي وري ڪندڌ هيٺ ڪري ڇڏيائين. ٽيهر ڪندڌ مٿي ٿي ويس ته ڪافي دير تائين پوندڙن کي ڏسندو رهيو. نرن تي بار تمام وڌي ويس. جهٽڪي سان مشين کان اُٿي دڪان کان هيٺ لهي اچي، ديوار جي پرسان ويٺو ۽ ويجهڙائپ کان لکت ۽ پوندڙن کي ڏسڻ لڳو. ائين لڳس ڄڻ لکت ۽ پوندڙا مٿس ٺهڪ ڏئي کلي رهيا هجن. هُن قميص جو اڳ ڪٽي اڳٽ چوڙي ڇڏيو. پيشاب جو آواز دير تائين ٻڌڻ ۾ آيو پئي.

## شڪار

وڏي بس اچي آفيس جي اڳيان بيٺي. ڪراڙو بينچ تان اُٿي بانس جي لٺ ڪٻي هٿ ۾ڪري ٿيلهو سڄي ڪلهي سان لڙڪائي اچي بس تي چڙهيو. ڪنڊيڪٽر کيس ٽڪيٽ ڏسي نمبر تي  ويهاريس. لٺ پيرن ۾ ۽ ٿيلهو ڪڇ ۾ رکي ڪنڊ سيٽ سان آهلي سڪون سان ويهي رهيو. بس اسٽارٽ ٿي ته هن جي پرسان هڪ نوجوان اچي ويهي رهيو. نيٺ بس شهر کي الوداع چئي روڊ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. پرسان ويٺل نوجوان ڪائنس پڇيو:

'چاچا! اوهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟'

ڪراڙي هُن جي چهري کي غور سان ڏسندي چيو،
’پٽ! لاڙڪاڻي وجي رهيو آهيان.‘
’چاچا! اوهان لاڙڪاڻي ۾ رهندا آهيو؟‘
’ها پٽ! لاڙڪاڻي ۾ رهندو آهيان، هتي منهنجي پٽ کي نوڪري آهي، گورنمينٽ طرفان مليل بنگلي ۾ رهندو آهي. ان سان مليو هاڻي واپس ٿو وڃان ۽ ٻيو پٽ لاڙڪاڻي ۾ چنگچي هلائيندو آهي.‘ ڪراڙو جواب ڏئي خاموش ٿي ويو.
’چاچا! اوهان پيريءَ ۾ اڪيلا سفر ٿا ڪريو، اوهان جو پٽ اوهان سان نہ آيو؟‘
’پٽ! هو پنهنجي ڊيوٽيءَ سان آهي. اهو ڪيئن اچي ها .... هونئن بہ مون کي ڇا آهي؟ بس هلي شهر ۾ لاهيندي، پوءِ رڪشا ۾ چڙهي وڃي گهر لهندس. ڀلا پٽ تون ڪٿي لهندين؟‘ ڪراڙي جواب ڏئي وري سوال ڪيس.
’چاچا!مان سيوهڻ ۾ لهندس.‘ نوجوان مختصر جواب ڏنو.
’ها پٽ! سيوهڻ عظيم بزرگ جي ڌرتي آهي. پٽ! اتي منهنجي لاءِ بہ دعا گهرجانءِ.‘
’ها ها! ... چاچا! اڪين سان ...‘
’پٽ! مون کي اوجاڳو آهي، ننڊ ٿي اچي، سو مان سمهي ٿو پوان.‘ ائين چئي ڪراڙو سيٽ سان ڪنڌ لڙڪائي سمهي پيو.
بس هلندي نيٺ سيوهڻ پهتي. لهڻ وارا مسافر لهڻ لڳا. اُهو نوجوان بہ لٿو.
’اڙي نديم! اڄ هتي تون اسان جي جوءِ ۾ .... ڇا ڪو مرغو يا مرغي ڦاسائي اٿئہ!؟‘ بس کان لهندي ئي هيٺ بيٺل نوجوان ساٿس حجائتو ڳالهايو.
’ها دلدار! هن ئي بس ۾ هڪ وڏو شڪار آهي پر مان نہ ڪري سگهيس ...!‘
’يار نديم! تون شڪار نہ ڪري سگهين تہ مون کي ٻُڌاءِ، مان پنهنجي قسمت آزمايان.‘
’توکي ٻڌائيندس پر هڪ شرط تي ...‘
’ڪهڙو شرط؟‘
’شرط تہ تون مون کي ٻہ هزار ڏيندين.‘
’اڙي! بس اها ڳالهہ .... ها مان توکي ٻہ هزار ضرور ڏيندس، پر ٻڌاءِ تہ شڪار گهٽ جو آهي.‘
’اڌ لک جو شڪار آهي.‘
’اڌ لک جو، توکي يقين آهي؟‘
’ها يار!پاڻ واري يار راشوءَ پوري پڪ ڏيئي مون کي بس تي چاڙهيو. هزار روپيہ ورتو هيائين. هڪ ڏک سان مون هن کي هزار ڏيئي ڇڏيو. پر افسوس جو مان شڪار ڪري نہ سگهيس.‘
’اڙي! تون فڪر نہ ڪر، مان ضرور شڪار ڪندس، ٻڌاءِ تہ ڪهڙي سيٽ تي ويٺو آهي؟‘
’هي وٺ لاڙڪاڻي جي ٽڪيٽ ... شڪار بہ لاڙڪاڻي جو آهي. ان لاءِ مون بہ لاڙڪاڻي جي ٽڪيٽ ڪٽرائي هئي. هاڻي تون وڃي پنهنجو ڀاڳ آزماءِ.‘
دلدار چوڪير نظرون ڊوڙائي ٻہ هزار نديم کي ڏيئي ٽڪيٽ ورتي.
’ٻڌ، قميص جا سمورا کيسا تلاش ڪيا اٿمانس، پر انهن ۾ سواءِ پنن جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ مليو. ۽ ها شڪار صفا اگهور ننڊ ۾ اٿئي ... هاڻي پنهنجي مڙسي ڪترائيندئي.‘
’نديم! تون پرواهہ نہ ڪر، مان ضرور ڪامياب ٿيندس.‘
ائين چئي دلدار بس ۾ چڙهي اچي ڪراڙي سان ويٺو. ڪراڙو صفا اگهور ننڊ ۾ ڇڻ هفتي کان نہ ستو هجي. ڪي مسافر لٿا ۽ ڪي چڙهيا. وري بس اسٽارٽ ٿي سيوهڻ کي الوداع چئي روڊ تي پنهنجي مخصوص اسپيڊ سان ڊوڙڻ لڳي. بس جي مخمل کان وڌ نرم سيٽن ۽ جهولي کان بہ وڌ لوڏن جي ڪري هر هڪ مسافر سيٽ سان ڪنڌ لڙڪائي ننڊ جا مزا وٺڻ لڳو. بس هلندي اچي دادوءَ جي اسٽاپ تي بيٺي. ڪي مسافر لهڻ لڳا. دلدار بہ هيٺ لٿو.
’اڙي دلدار! تون اڄ هتي اسان جي جوءِ ۾... ڇو ڀلا ڏاڍائي آهي ڇا!؟‘بس کان لهندي هڪ ٻئي همراهہ دلدار کي چيو.
’اڙي ڀائرن سان وري ڏاڍائي ڪيئن ٿيندي؟ ٿورو پريرو هل تہ ڳالهہ ٻڌايانءِ.‘ دلدار ان کي بس جي پويان وٺي ويو.
’يار شمن! اڄ پنجاهہ هزار جو شڪار ڦاسيو آهي ...‘
’ڇا ....!؟‘ شمن کان دانهن نڪري وئي.

’ها يار! هن ئي بس ۾ 50 هزارن جو شڪار آهي پر افسوس جو مان نہ ڪري سگهيس. ‘
’توکي ڪنهن ٻڌايو آهي؟ ‘
’اڙي! مون کي پاڻ واري يار نديم ٻڌايو آهي، اهو بہ شڪار ڪري نہ سگهيو. ‘
’توکي پڪ آهي تہ هن وٽ 50 هزار آهن؟ ‘
’ها يار! سئو سيڪڙو يقين آهي. ‘
’هاڻي تنهنجي حد ختم .... اڳتي منهنجي حد آهي. هاڻي جلدي ڪر، مون کي پار پتا ٻڌاءِ تہ پاسو وٺانس. ‘
’ائين ڪئين ٻڌائيندو مانءِ؟ اهو شڪار مون ٻن هزارن ۾ خريد ڪيو آهي. تون اڍائي هزار ڏيندين تہ پوءِ .... ‘
’ٺيڪ آهي، هي وٺ اڍائي هزار .... ‘ شمن هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي اڍائي هزار ڪڍي دلدار کي ڏنا.
’هاڻي تہ جلدي پار پتا ٻڌاءِ ... ‘
’هي ٽڪيٽ وٺ لاڙڪاڻي جي ..... ۽ شڪار بہ لاڙڪاڻي جو اٿئي. مان ڪوٽ، اندرين صدري ۽ قميص جا مڪمل ڪيسا ڇاڇيا اٿمانس، انهن ۾ سواءِ خالي پنن ۽ شناختي ڪارڊ جي ٻيو ڪجهہ بہ ڪين مليو. ‘
’دلدار! ڏسجانءِ مان اهو شڪار ضرور ڪندس. ‘
’يار! مڙسي ڪترائيندئي، باقي ڪم ڏکيو اٿئي. ‘
’ٺيڪ آ يار! مان بس ۾ چڙهان ٿو. ‘ شمن دلدار کان موڪلائي بس تي چڙهي اچي ساڳي سيٽ تي ويٺو. ڪراڙو اڳ جيان اگهور ننڊ ۾ ... ڪي مسافر اچي چڙهيا. ڊرائيور بس اسٽارٽ ڪري اڳتي هلڻ لڳو. بس دادو شهر کي الوداع چئي روڊ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. اڪثر مسافر ننڊ جا مزا وٺڻ لڳا. نيٺ بس هلندي اچي خيرپور ناٿن شاهہ ۾ اسٽاپ ڪيو. ڪجهہ مسافر لهڻ لڳا. شمن بہ هيٺ لهي برياڻيءَ واريءَ ريڙهيءَ تان پاڻيءَ جو گلاس پيري پيئڻ لڳو.
’اڙي! ڪڏهن کان ايڏو دادگير ٿيو آهين؟ جو ٻين جي حدن ۾ شڪار ڪرڻ ٿو اچين؟ ‘ شمن کي ڏسي سامهون بيٺل همراهہ چيو.
’اڙي يار نويد! بس ڪر، اندر ئي سڙي ويو آهي! ‘
’وري ڇا ٿيو؟ ‘
’اڙي بس ۾ 50 هزارن جو شڪار ويٺو آهي، ان شڪار کي مون اڍائي هزارن ۾خريد ڪيو پر افسوس جو مان شڪار نہ ڪري سگهيس. ‘
’اڙي پاڻ تہ سدائين چوندو وتندو آهين تہ مان دادوءَ جو آهيان، دادوءَ ۾ جادو آهي،تئين منهنجي آڱرين ۾ بہ جادو آهي، پوءِ اڄ ڪئين بازي هارائي وئينءَ؟ ‘
’بس نويد ڳالهہ نہ پڇ ...! ‘
’پُٽڙا! هاڻي تنهنجي حد ختم ... منهنجي حد شروع. هاڻي مان پاڻ ئي شڪار سان بہ پاڇيون ڪندس. تون رڳو پار پتا ٻڌاءِ ... ‘
’ائين ڪئين ٻڌائيندو مانءِ؟ شڪار مون اڍائي هزارن ۾ خريد ڪيو آهي، جي تون ٽي هزار ڏيندين تہ پوءِ ٻڌائيندو مانءِ. ‘
’ڇا .... ٽي هزار ....؟! ‘
’ها بابڙا! 50 هزارن جو شڪار آهي. ‘
’پر توکي يقين آهي تہ شڪار 50 هزارن جو آهي. ‘
’ها ها ... پورو پورو يقين آهي. ‘
’ٺيڪ آهي يار .... ‘ ائين چئي چوگرد نظر ڦيرائي ٽي هزار ڪيس ڪڍي ڏنا.
’هاڻي تہ جلدي پار پتا ٻڌاءَ. ‘
’هان، هي وٺ لاڙڪاڻي جي ٽڪيٽ .... ۽ شڪار بہ لاڙڪاڻي جو آهي. اڙي بابڙا! قميص، اندرين صدري ۽ ڪوٽ جا مڪمل ڪيسا .... پٽڪو ۽ شلوار جا ور مڪمل تلاشيا اٿم. پر سواءِ خالي پنن ۽ شناختي ڪارڊ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ مليو. ‘

’اڙي تون وات ڳاڙهو ڇورو آهين، هاڻي ڏس منهنجا ڪرشما ....‘ ائين چئي نويد بس تي چڙهي اچي ساڳي ئي سيٽ تي ويٺو. ڪراڙو ائين ستو پيو هو، ڄڻ سالن جو اوجاڳيل هجي. ڪجهہ نوان مسافر چڙهيا. ڊرائيور بس چالو ڪري آهستي آهستي خيرپور کي الوداع چيو.
ميهڙ جي اسٽاپ تي بس بيٺي اچي تہ نويد بس کان لهي وڃي بس جي پوين نڪ صاف ڪيو تہ پويان اچي ڪنهن ڪلهي تي هٿ رکيس. نويد ڇرڪي پوئتان ڏٺو.
’ڪٿين ساهہ ڇڏائجي ويئي نہ ...پين جي جوءِ ۾ شڪار ڪندين تہ ائين ئي ٿيندئي.‘
’اڙي يوسف! تون ... منهنجو تہ ساهہ ڪڍي ڇڏيئي ... مون سمجهيو تہ ڪو سپاهي پڄاهي آهي.‘
’اڙي نويد! اسان اوهان جي ترَ ۾ شڪار ڪرڻ ايندا آهيون جو تون اسان جو ترَ ۾ آيو آهين؟!‘
’اڙي! بس تہ ڪر... جيرا ئي سڙي ويا آهن. 50 هزار جو شڪار بس ۾ آهي. ان کي مون ٽن هزارن ۾ خريد ڪيو آهي پر افسوس جو شڪار ڪري نہ سگهيس.‘
’50 هزار جو ...!؟‘ يوسف حيرت مان نويد کي ڏسڻ لڳو.
’ها يار!‘
’ٺيڪ آهي، هاڻي تنهنجي جوءِ ختم، منهنجي شروع. جلدي پار پتا ٻڌاءِ تہ مان ٿو وڃي پنهنجي قسمت آزمايان.‘
’ائين وري ڪٿين ٿيندو؟‘
’ڇو .... ڇو؟‘
’اڙي بابا! شڪار مون ٽن هزارن ۾ خريد ڪيو آهي، جي تون چار هزار ڏيندين تہ پوءِ ٻڌائيندومانءِ.‘
’چار هزار ...؟‘ يوسف حيرت ۾ پئجي ويو.
’ڇو ...؟ 50 هزار جو شڪار آهي، توکي ڇئن هزارن ۾ کٽِ آهي ڇا؟ توکي منظور ناهي تہ مان پاڻ ٿو وڃان.شڪار هٿان نہ وڃائبو.‘
نويد ٻہ قدم پوئتي هٽيو تہ يوسف هڪل ڪيس،’اڙي بيهہ تہ ... ايڏو تکڙو آهين ڇا؟ ٻڌاءِ تہ شڪار پڪ 50 هزارن جو آهي؟‘
’ها .. ها، سورنهن آنا يقين آهي.‘
’پوءِ ٺيڪ آهي،ڏيانءِ ٿو چار هزار، مون بہ صبح سان هڪ سيٺ کي ٻرو ڏنو آهي.‘ يوسف چوڦير نظرون ڊوڙائي پيسا نويد کي ڏنا.
’ٻيلي! هاڻي تہ ڪجهہ ٻڌاءِ.‘
’ها، هي وٺ ٽڪيٽ لاڙڪاڻي جي اٿئي ۽ شڪار بہ لاڙڪاڻي جو اٿئي. مون مڪمل تلاشي ورتي اٿمانس پر ڪجهہ بہ نہ مليو آهي. هاڻي ڪٽي،تنهنجو ڀاڳ، باقي شڪار ڄڻ ڪلهہ کان ستل آهي.‘
’اڙي! تون ڇڏ منهنجي ڀاڳن کي. تو اسان جي ڪارڪردگي نہ ڏٺي آهي، هاڻي ڏسجانءِ.‘
يوسف موڪلائي بس تي چڙهي اچي ساڳي سيٽ تي ويٺو، جنهن جي پرسان واري سيٽ تي ڪراڙو ساڳي سُوڀي ۾ هيو. ڊرائيور مَٽيو تہ بس اسٽارٽ ڪري هوريان هوريان ميهڙ شهر کان نڪري هلي. هر هڪ مسافر پنهنجي خوابن جي واديءَ جو سير ڪرڻ ۾ مگن هيو تہ بس هلندي اچي وڳڻ جي چوڪ تي بيٺي. يوسف لهي پڪوڙا وٺڻ لڳو.
’اڙي واهہ جو ميهڙ وارا سڌريا آهيو، جو پرائي ويڙهي ۾ شڪار ڪرڻ هليا تا اچو!‘ يوسف کي ڏسي پريان هڪ همراهہ هُن ڏانهن وڌندي چيو.
’يار فريد! بس تہ ڪر.... اصل پوڙهي ماري ڇڏيو آهي.‘
’ڇو ڇو؟ ڪنهن سپاهي هٿان سيڪت ملي اٿئي ڇا؟‘
’اڙي! سپاهي ڇا سيڪت ڏيندو؟ اُهي تہ هونئن بہ پنهنجا ماٺو آهن!‘
’پوءِ پريشان ڇو آهين؟‘
’اڙي! هن بس ۾ 50 هزارن جو شڪار آهي پر مون کان ڪو نہ پيو ٿيئي.‘
’50 هزار جو شڪار ..... اڙي! هيءُ پنهنجو علائقو آهي، هاڻي شڪار ڪرڻ جو حق منهنجو آهي، تون پار پتا ٻڌاءِ تہ مان خالي ڪري ٿو اچانس ...‘
’ائين ڪٿين ٿيندو؟ شڪار مون ڇئن هزارن ۾ خريديو آهي، جي پنج ڏيندين تہ پوءِ پارَ پتا ملندئي.‘

’چا ... پنج هزار روپيہ ...!؟‘
’ها .. ها وڏيڪ تنهنجي مرضي آهي!‘
’توکي يقين آهي تہ مال ايترو ئي آهي؟‘
’هائو، پورو پروسو آهي.‘
’ٺيڪ آهي ڏيانءِ ٿو پنج هزار .... مون بہ صبح سان هڪ وياجيءَ جي ڪيسي ڪي ٽپ ڏنو آهي.‘ فريد نظرون ڦيري پنج هزار يوسف حوالي ڪيا.
’شڪار جي آخري منزل ... تنهنجو شهر لاڙڪاڻو ... مون قميص ڪان ٿيلهي تائين سيني جي تلاشي ورتي اٿمانس، پر مليو ڪجهہ بہ نہ .... صفا ستل اٿئہ ... وڏيڪ تنهنجو نصيب ...‘
’اڙي! تون آزاد آهين، اسان جو ڪم ڏسندو وڃانءِ ... 50 هزار ڏيڪاري دنگ ڪري ڇڏيندوسانءِ.‘
بس تقريبن خالي ٿي چڪي هئي، فريد بس ۾ چڙهي ساڳي سيٽ تي ڪراڙي جي پرسان اچي ويٺو. جيڪو اڃ جيان اگهور ننڊ ۾ ستل هيو. بس وڳڻ جي ننيڙي شهر کي الوداع چئي لاڙڪاڻي ڏانهن وڌڻ لڳي. نيٺ بس لاڙڪاڻي جي شيخ زيد چوڪ تي بيٺي تہ ڪراڙي بہ ڏڪي اوباسي ڏيندي آرس ڀڃي فريد کان پڇا ڪئي.
’پٽ!لاڙڪاڻو اچي ويو چا....!؟‘
’ها .. ها چاچا! لاڙڪاڻو اچي ويو آهي.‘
ڪراڙو اٿي ٿيلهو ڪلهي ۾ لٽڪائي، سڄي هٿ سان پيرن ۾ پيل بانس جي لٺ ڪٽي سڄي بغل ۾ ڏيئي بس کان هيٺ لٿو. فريد بہ هن جي پويان لٿو.
’چاچا! ... هڪڙو منٽ ...؟‘ ڪراڙو، فريد جو سڏ ٻڌي بيهي رهيو. فريد سندس پرسان اچي چيو،
’چاچا! اوهان پنجن هزارن ۾ گروي ٿيل آهيو. ٻشني حيدرآباد کان اوهان جي پويان آهن، ٻشنين اوهان جي مڪمل تلاشي ورتي، پر پائي بہ نہ ملين .... وڳڻ شهر ۾ مون اوهان کي پنجن هزارن ۾ خريد ڪيو. مون بہ اوهان جي جسم جي تلاشي ورتي پر ڪجهہ بہ هٿ نہ آيو. مون پيسن جي پچر ڇڏي، آخر ۾ مون تي هڪ احسان ڪيو ۽ اهو ٻڌايو تہ اوهان اهي پيسا ڪٿي لڪايا آهن؟ سامهون پوليس بہ بيٺي آهي ۽ مان پاڻ بہ قسم ٿو کڻان تہ اوهان کان پيسا نہ ڦريندس ... بس رڳو خبر پوي ....‘
ڪراڙي کلي ڏنو. هُن بانس جي لٺ مٿان سائيڪل جي پينڊل جي ٻُجي هٽائي،لٺ اندران ويڙهيل سيڙهيل وڏا نوٽ ڏيکاريا. ۽ چيو،
’هاڻ شڪل گم ڪر نہ تہ ڪيانءِ نہ پوليس حوالي ...‘ ائين چئي ڪراڙو رڪشا ڏانهن وڌي ويو.
’واهہ! اسان بہ استاد آهيون پر ڪراڙو تہ اسان جو بہ استاد نڪتو ...‘ فريد چپن ۾ پٽڪي ٻئي شڪار جي تلاش ۾ اڳتي وڌي ويو.

## انٽرنيٽ ايڊيشن عباس ڪوريجو ويب

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو
www.abbaskorejo.com